القرآن الكريم

باماحوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالكريم قريشي

بير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

وَلَوْ اَنَّنَا نَزَّلْنَآ اِلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةَ وَكَلَّمَهُمُ الْمَوْتٰى وَحَشَرْنَا
۽ جيڪڏهن اسان لاهيون انهن ڏانهن ملائڪ ۽ ڳالهائن انهن سان مئا ۽ اٿاريون
۽ جيڪڏهن انهن تي اسين ملائڪ لاهيون ها ۽ ساڻن مئل (به) ڳالهائين ها ۽ هر شيء

عَلَيْهِمْ كُلَّ شَيْءٍ قُبُلًا مَّا كَانُوْا لِيُؤْمِنُوْٓا اِلَّآ اَنْ يَّشَآءَ اللّٰهُ
انهن تي هر شيء کي ٽولا ٽولا ڪري نه آهن جو ايمان آڻين مگر جي گهري الله
سندن آمهون سامهون ڪري گڏ (به) ڪريون ها ته به الله جي گهر کان سواءِ ڪڏهن نه ايمان آڻين ها!

وَلٰكِنَّ اَكْثَرَهُمْ يَجْهَلُوْنَ ﴿١١١﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا لِكُلِّ نَبِيٍّ عَدُوًّا
پر گهڻا انهن مان نادان آهن. ۽ اهڙي طرح ڪيا سون هر نبيءَ لاءِ دشمن
پر انهن مان گهڻا بي سمجهائي ڪن ٿا. ۽ اهڙيءَ طرح هر ڪنهن پيغمبر لاءِ ماڻهن ۽ جنن مان شيطان، ويري

شَيٰطِيْنَ الْاِنْسِ وَالْجِنِّ يُوْحِيْ بَعْضُهُمْ اِلٰى بَعْضٍ زُخْرُفَ
گهڻا شيطان ماڻهو ۽ جنّ سيڪارين ٿا انهن مان ڪي ٻين کي سونهري
بڻاياسون (ته پاڻ ۾) هڪ ٻئي کي وسوسو وجهي، ڳالهه جي سهڻي بناوٽ سان ٺڳين،

الْقَوْلِ غُرُوْرًا ۭ وَلَوْ شَآءَ رَبُّكَ مَا فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا
ڳاله ٺوڳي ڏيڻ لاءِ ۽ جيڪڏهن گهري ها تنهنجو رب ته نه ڪن ها اهو ڪم پوءِ ڇڏ انهن کي ۽ سندن
۽ جيڪڏهن تنهنجو پالڻهار گهري ها ته اهو ڪم نه ڪن ها تنهن ڪري کين ۽ جيڪي ناحق ناهيندا آهن، تن کي

يَفْتَرُوْنَ ﴿١١٢﴾ وَلِتَصْغٰٓى اِلَيْهِ اَفْـِٕدَةُ الَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ
ڪوڙ ناهڻ کي. ۽ جيئن ته لڙي وڃن اوڏانهن دليون انهن جون جيڪي نه ٿا مڃين
ڇڏي ڏي. ۽ (هن لاءِ وسوسو وجهندا آهن) ته جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جون دليون ڏانهس لڙن

بِالْاٰخِرَةِ وَلِيَرْضَوْهُ وَلِيَقْتَرِفُوْا مَا هُمْ مُّقْتَرِفُوْنَ ﴿١١٣﴾ اَفَغَيْرَ
آخرت کي ۽ جيئن پسند ڪن ان کي ۽ ڪندا رهن جيڪي اهي غلط ڪم ڪندا آهن ڇا پوءِ سواءِ
۽ ان کي پسند ڪن ۽ (هن لاءِ) ته اهي جيڪي ڪم ڪندڙ آهن سي ڪندا رهن. (اي پيغمبر! چئو ته) الله ڌاران

اللّٰهِ اَبْتَغِيْ حَكَمًا وَّهُوَ الَّذِيْٓ اَنْزَلَ اِلَيْكُمُ الْكِتٰبَ مُفَصَّلًا ۭ
الله جي ڳوليان ڪو فيصلو ڪندڙ حالانڪ اهوءَ ئي لاٿو آهي توهان ڏانهن ڪتاب چٽو بيان ڪيل،
ٻيو فيصلو ڪندڙ هن هوندي ڇو ڳولهيان؟ جو اهوءَ اوهان ڏانهن کولي بيان ڪندڙ ڪتاب لاٿو آهي، ۽ جن کي

وَالَّذِيْنَ اٰتَيْنٰهُمُ الْكِتٰبَ يَعْلَمُوْنَ اَنَّهٗ مُنَزَّلٌ مِّنْ رَّبِّكَ
۽ اهي جن کي ڏنو سون ڪتاب ڄاڻن ٿا ته اهو ئي نازل ڪيل آهي تنهنجي رب کان
ڪتاب (توريت) ڏنوسون سي (چڱيءَ طرح) ڄاڻندا آهن ته اهو تنهنجي پالڻهار کان ڄائي لاٿل آهي

بِالْحَقِّ فَلَا تَكُوْنَنَّ مِنَ الْمُمْتَرِيْنَ ﴿١١٤﴾ وَتَمَّتْ كَلِمَتُ رَبِّكَ صِدْقًا

حق سان پوءِ هرگز نہ ٿجانءِ تون شڪ ڪندڙن مان. ۽ پورو ٿيو سخن تنهنجي رب جو سچائي

تنهن ڪري تون شڪ ڪندڙن مان مورنہ ٿيءُ. ۽ تنهنجي پالڻهار جو سخن سچائي ۽ انصاف ۾ پورو آهي.

وَّعَدْلًا ۭ لَا مُبَدِّلَ لِكَلِمٰتِهٖ ۚ وَهُوَ السَّمِيْعُ الْعَلِيْمُ ﴿١١٥﴾ وَاِنْ

۽ انصاف ۾ ناهي ڪوئي بدلائيندڙ ان جي ڳالهين کي. ۽ اهو ئي ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن

سندن سخنن کي ڪو مٽائيندڙ نہ آهي. ۽ اهو ٻڌندڙ ڄاڻندڙ آهي. ۽ جيڪڏهن زمين وارن (ماڻهن) مان گهڻن

تُطِعْ اَكْثَرَ مَنْ فِي الْاَرْضِ يُضِلُّوْكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ۭ اِنْ

چيو وٺندين گهڻن انهن جو جيڪي زمين ۾ آهن تہ ڀلائيندا توکي الله جي راهہ کان. رڳو

(يعني ڪافرن) جو چيو مڃيندين تہ توکي الله جي واٽ کان ڀلائيندا. (اهي) رڳو

يَّتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ هُمْ اِلَّا يَخْرُصُوْنَ ﴿١١٦﴾ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ

اهي هلندا آهن گمان تي ۽ رڳو اهي اٽڪلون ڪندا آهن. بلاشڪ تنهنجو پروردگار خوب

گمان تي هلندا آهن ۽ اهي رڳو اٽڪل هڻندا آهن. بيشڪ تنهنجو پالڻهار انهن کي (بہ) چڱو ڄاڻندڙ آهي

اَعْلَمُ مَنْ يَّضِلُّ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۚ وَهُوَ اَعْلَمُ بِالْمُهْتَدِيْنَ ﴿١١٧﴾ فَكُلُوْا

ڄاڻندڙ آهي جيڪي ڀلن ٿا سندس راهہ کان. ۽ اهو خوب ڄاڻندڙ آهي هدايت وارن کي. پوءِ کائو

جيڪي سندس واٽ کان ڀُلا ۽ اهو هدايت وارن کي (بہ) چڱو ڄاڻندڙ آهي. پوءِ جيڪڏهن اوهين سندس آيتن کي

مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ اِنْ كُنْتُمْ بِاٰيٰتِهٖ مُؤْمِنِيْنَ ﴿١١٨﴾ وَمَا

ان مان جو ورتو ويو نالو الله جو انهيءَ تي جيڪڏهن آهيو ان جي آيتن تي ايمان رکندڙ. ۽ ڇا ٿيو آهي

مڃيندا آهيو تہ جنهن تي الله جو نالو ياد ڪجي تنهن مان کائو. ۽ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو جنهن (شيءِ) تي

لَكُمْ اَلَّا تَاْكُلُوْا مِمَّا ذُكِرَ اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَقَدْ فَصَّلَ لَكُمْ

توهان کي جو نہ ٿا کائو انهيءَ مان جو ورتو ويو نالو الله جو ان تي هوڏانهن کولي ٻڌايائين توهان کي

الله جو نالو ياد ڪجي تو تنهن مان نہ کائيندا آهيو هن هوندي جو جيڪي (شيون الله) اوهان تي حرام ڪيون آهن. سي

مَّا حَرَّمَ عَلَيْكُمْ اِلَّا مَا اضْطُرِرْتُمْ اِلَيْهِ ۭ وَاِنَّ كَثِيْرًا لَّيُضِلُّوْنَ

جيڪي حرام ڪيائين توهان تي مگر اها شيءِ جو لاچار ٿيو انهيءَ لاءِ. ۽ بيشڪ گهڻائي ڪارڻ ٿا ڀين کي

اوهان لاءِ بيشڪ کولي بيان ڪيون اٿس؟ پر جنهن (حرام شيءِ مان کائڻ) لاءِ اوهين مجبور ٿيو (سو روا آهي). ۽ گهڻا

بِاَهْوَاۗىِٕهِمْ بِغَيْرِ عِلْمٍ ۭ اِنَّ رَبَّكَ هُوَ اَعْلَمُ بِالْمُعْتَدِيْنَ ﴿١١٩﴾

پنهنجي خيالن تي بنا تحقيق جي. بيشڪ تنهنجو رب خوب ڄاڻي ٿو حد کان لنگهندڙن کي.

اڻ ڄاڻائيءَ سان پنهنجن سڌن سببان ضرور ڀلائين ٿا. بيشڪ تنهنجو پالڻهار حد کان لنگهندڙن کي چڱيءَ طرح ڄاڻندڙ آهي.

وَذَرُوْا ظَاهِرَ الْاِثْمِ وَبَاطِنَهٗ ؕ اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْسِبُوْنَ الْاِثْمَ
۽ ڇڏيو پڌري گناھ کي ۽ لڪل کي، بيشڪ جيڪي ڪن ٿا گناھ
۽ ظاھري گناھ ۽ باطني گناھ (سڀ طرح) ڇڏي ڏيو، جيڪي گناھ ڪندا آھن سي جيڪي ڪن ٿا

سَيُجْزَوْنَ بِمَا كَانُوْا يَقْتَرِفُوْنَ ﴿١٢٠﴾ وَلَا تَاْكُلُوْا مِمَّا لَمْ يُذْكَرِ
جلد سزا پو ڏبندا ان پنھنجي ڪئي جي، ۽ نہ کائو ان مان جو نہ ورتو ويو
تنھن سببان سگھو سزا ڏبين. ۽ جنھن (شيءِ) تي الله جو نالو ياد نہ ڪجي تنھن مان نہ کائو جو اُھو (کائڻ)

اسْمُ اللّٰهِ عَلَيْهِ وَاِنَّهٗ لَفِسْقٌ ؕ وَاِنَّ الشَّيٰطِيْنَ لَيُوْحُوْنَ اِلٰٓى
نالو الله جو انھيءَ تي ۽ اھو ڪائڻ گناھ آھي، ۽ بيشڪ شيطان دل ۾ وجھن ٿا پنھنجن
ضرور گناھ آھي، ۽ شيطان پنھنجن يارن کي ھن لاءِ وسوسو وجھندا آھن تہ اوھان سان

اَوْلِيٰٓئِهِمْ لِيُجَادِلُوْكُمْ ۚ وَاِنْ اَطَعْتُمُوْهُمْ اِنَّكُمْ لَمُشْرِكُوْنَ ﴿١٢١﴾ ع ١٤
دوستن کي تہ اھي وڙھن توھان سان، ۽ جيڪڏھن توھان چيو ونندؤ انھنجو تہ توھان بہ مشرڪ آھيو.
جھيڙو ڪن، ۽ جيڪڏھن سندن چيو مڃيندؤ تہ اوھين (بہ) ضرور مشرڪ ٿيندؤ.

اَوَمَنْ كَانَ مَيْتًا فَاَحْيَيْنٰهُ وَجَعَلْنَا لَهٗ نُوْرًا يَّمْشِيْ بِهٖ
ڇاپلا جيڪي ھجي مُئل پوءِ جيئرو ڪيون ان کي ۽ ڪيون ان لاءِ روشني جو ھلي پيو ان سان
جيڪو مئل ھو تنھن کي جياريوسون ۽ اُن لاءِ سوجھرو ڪيوسون جنھن سان، ماڻھن ۾ گھمي ٿو

فِي النَّاسِ كَمَنْ مَّثَلُهٗ فِي الظُّلُمٰتِ لَيْسَ بِخَارِجٍ مِّنْهَا ؕ كَذٰلِكَ
ماڻھن ۾ ان جھڙو ٿيندو جو ھجي اونداھين ۾ جو نہ ھجي نڪرندڙ اتان، اھڙي ريت
اُھو اُن جي مثال جھڙو آھي ڇا؟ جيڪو اونداھين ۾ آھي منجھانئس نڪرڻ وارو نہ آھي؟ اھڙيءَ طرح ڪافر

زُيِّنَ لِلْكٰفِرِيْنَ مَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٢٢﴾ وَكَذٰلِكَ جَعَلْنَا فِيْ كُلِّ
سينگارجي پيا ڪافرن لاءِ انھن جا ڪرتوت. ۽ اھڙي طرح پيدا ڪيا سون ھر
جيڪي ڪندا آھن سو انھن لاءِ سينگاريو ويو آھي. ۽ اھڙيءَ طرح ھر ڳوٺ ۾ اُنھيءَ (ڳوٺ) جا وڏيرا، ھن لاءِ بدڪار ڪياسون

قَرْيَةٍ اَكٰبِرَ مُجْرِمِيْهَا لِيَمْكُرُوْا فِيْهَا ؕ وَمَا يَمْكُرُوْنَ اِلَّا بِاَنْفُسِهِمْ
علائقي ۾ وڏا ماڻھو ڏوھاري اتي جا جيئن بڇڙائي ڪن ان ۾، ۽ نہ ٿا بڇڙائي ڪن مگر پاڻ سان
تہ اُن (ڳوٺ) ۾ فساد وجھندا رھن. ۽ (اُھي) پاڻ کان سواءِ ٻئي ڪنھن لاءِ فساد نہ ڪندا آھن ۽ نہ ڄاڻندا آھن.

وَمَا يَشْعُرُوْنَ ﴿١٢٣﴾ وَاِذَا جَآءَتْهُمْ اٰيَةٌ قَالُوْا لَنْ نُّؤْمِنَ حَتّٰى
۽ نہ ٿا سمجھن ۽ جڏھن اچي ٿي انھن وٽ ڪا آيت چون ٿا ھرگز نہ مڃيندا سون جيستائين
۽ جڏھن وٽن ڪا آيت ايندي آھي (تڏھن) چوندا آھن تہ جھڙي (پيغمبري) الله جي پيغمبرن کي ڏني ويئي آھي،

نُؤْتٰى مِثْلَ مَآ اُوْتِیَ رُسُلُ اللّٰهِ ؔ ط اَللّٰهُ اَعْلَمُ حَیْثُ یَجْعَلُ

ڏنو وڃي اسان کي ان جهڙو جو ڏنو ويو الله جي رسولن کي، الله خوب ڄاڻي ٿو جتي ڪري

تهڙي جيستائين اسان کي (نہ) ڏني ويندي تيسين ڪڏهن نہ مڃينداسون. الله جنهن هنڌ پنهنجي پيغمبريءَ کي موڪلي (سو هنڌ) چڱيءَ طرح

رِسَالَتَهٗ ط سَیُصِیْبُ الَّذِیْنَ اَجْرَمُوْا صَغَارٌ عِنْدَ اللّٰهِ وَعَذَابٌ

پنهنجي رسالت کي، جلد پهچندي مجرمن کي خواري الله وٽ ۽ عذاب

ڄاڻندڙ آهي، جن ڏوه ڪيو تن کي الله وٽان خواري ۽ سخت عذاب انهيءَ ڪري سگهو پهچندو

شَدِیْدٌۢ بِمَا كَانُوْا یَمْكُرُوْنَ ١٢٤ فَمَنْ یُّرِدِ اللّٰهُ اَنْ یَّهْدِیَهٗ یَشْرَحْ

سخت هن ڪري جو بڇڙائي پيا ڪن. پوءِ جنهن کي گهُري الله هدايت ڪرڻ تہ کولي ٿو

جو شرارتون ڪندا آهن. پوءِ الله جنهن کي گهرندو آهي تہ هدايت ڪري

صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ ۚ وَمَنْ یُّرِدْ اَنْ یُّضِلَّهٗ یَجْعَلْ صَدْرَهٗ ضَیِّقًا

ان جو سينو اسلام لاءِ، ۽ جنهن کي گهُري گمراهہ ڪرڻ تہ ڪري ٿو سينوان جو سخت

تنهن جو سينو اسلام لاءِ ڪشادو ڪندو آهي، ۽ جنهن کي ڀلائڻ گهرندو آهي تنهن جي سيني کي اهڙو سخت

حَرَجًا كَاَنَّمَا یَصَّعَّدُ فِی السَّمَآءِ ط كَذٰلِكَ یَجْعَلُ اللّٰهُ الرِّجْسَ

سوڙهو ڄڻ تہ اهو چڙهي ٿو آسمان ڏي، اهڙي طرح ڪري ٿو الله عذاب

سوڙهو ڪندو آهي جو ڄڻڪ آسمان تي چڙهي ٿو، جيڪي نہ مڃيندا آهن

عَلَی الَّذِیْنَ لَا یُؤْمِنُوْنَ ١٢٥ وَهٰذَا صِرَاطُ رَبِّكَ مُسْتَقِیْمًا ط قَدْ

انهن تي جيڪي نہ ٿا ايمان آڻين. ۽ هي آهي رستو تنهنجي رب جو سڌو، اسان کولي

تن تي الله اهڙي پليتي رکندو آهي. ۽ تنهنجي پالڻهار جي اِها سِڌي واٽ آهي،

فَصَّلْنَا الْاٰیٰتِ لِقَوْمٍ یَّذَّكَّرُوْنَ ١٢٦ لَهُمْ دَارُ السَّلٰمِ عِنْدَ رَبِّهِمْ

بيان ڪيون آهن آيتون ان قوم لاءِ جيڪي نصيحت وٺن. انهن لاءِ آهي جاءِ سلامتي جي سندن رب وٽ

بيشڪ اسان نشانيون انهيءَ قوم لاءِ کولي بيان ڪيون آهن جي نصيحت مڃيندا آهن. اُنهن لاءِ سندن پالڻهار وٽ بهشت آهي ۽ اُهو سندن سنڀاليندڙ

وَهُوَ وَلِیُّهُمْ بِمَا كَانُوْا یَعْمَلُوْنَ ١٢٧ وَیَوْمَ یَحْشُرُهُمْ جَمِیْعًا ۚ

۽ اهوئي آهي مددگار انهن جو سندن عملن جي ڪري، ۽ جنهن ڏينهن گڏ ڪندو انهن سڀني کي،

آهي (هيءَ سڀ) انهيءَ ڪري (آهي) جو (چڱا) ڪم ڪندا هوا. ۽ جنهن ڏينهن اُنهن مڙني کي گڏ ڪندو، (چوندو) تہ اي

یٰمَعْشَرَ الْجِنِّ قَدِ اسْتَكْثَرْتُمْ مِّنَ الْاِنْسِ ۚ وَقَالَ اَوْلِیٰٓؤُهُمْ

(چوندو) اي جنن جي جماعت پنهنجا ڪيا اٿوَ گهڻائي ماڻهو، ۽ چوندا ساٿي انهن جا

جنن جون ٽوليون بيشڪ ماڻهن مان گهڻا پنهنجا (تابع) ڪيا هيوَ ۽ ماڻهن مان سندن سنگتي چوندا تہ اي اسان جا پالڻهار اسان

وقف منزل

مِّنَ الْاِنْسِ رَبَّنَا اسْتَمْتَعَ بَعْضُنَا بِبَعْضٍ وَّبَلَغْنَآ اَجَلَنَا الَّذِيْٓ

ماڻهن مان اي رب اسان جا فائدو ورتو اسان مان هڪڙن ٻين کان ۽ پهتاسون هدي پنهنجي کي جيڪو

منجهان هڪڙن ٻين کان فائدو ورتو ۽ انهيءَ پنهنجي مقرر مدت کي پهتاسون جيڪا تون اسان لاءِ مقرر ڪئي هئي.

اَجَّلْتَ لَنَا ؕ قَالَ النَّارُ مَثْوٰىكُمْ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ

تو مقرر ڪيو هئو اسان لاءِ. فرمائيندو باھ آهي توهانجي رهڻ جي جاءِ هميشہ رهندڙ اُتي مگر جيڪي گهري الله.

(الله) چوندو ته اوهان جي رهڻ جو هنڌ دوزخ آهي جيسين الله گهريو تيسين منجهس سدائين رهندڙ هجو.

اِنَّ رَبَّكَ حَكِيْمٌ عَلِيْمٌ ﴿١٢٨﴾ وَكَذٰلِكَ نُوَلِّيْ بَعْضَ الظّٰلِمِيْنَ

بيشڪ تنهنجو رب داناءُ علم وارو آهي. ۽ اهڙيءَ طرح ملائيندا سون هڪڙن ظالمن کي

بيشڪ تنهنجو رب حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي. ۽ اهڙيءَ طرح ظالمن مان ڪن کي ڪن تي جيڪي ڪندا آهن. تنهن (جي شامت) سببان

بَعْضًا بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ﴿١٢٩﴾ ع يٰمَعْشَرَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ اَلَمْ

ٻين سان سندن ڪردار سبب. اي جماعت جنن جي ۽ انسانن جي ڇا نہ

غالب ڪندا آهيون.۽ اي جنن ۽ ماڻهن جون ٽوليون! اوهان مان اوهان وٽ پيغمبر نہ آيا هئا ڇا؟

يَاْتِكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ وَيُنْذِرُوْنَكُمْ

آيا توهان وٽ رسول توهان مان جو پڙهائن توهان کي آيتون منهنجون ۽ ڊيڄارين توهان کي

جو منهنجيون آيتون اوهان تي پڙهيائون ٿي ۽ هِن ڏينهن جي اَڏي ٿيڻ کان اوهان کي

لِقَآءَ يَوْمِكُمْ هٰذَا ؕ قَالُوْا شَهِدْنَا عَلٰٓى اَنْفُسِنَا وَغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ

ملاقات هن ڏينهن جي کان، چوندا اسان شاهدي ڏني پنهنجو پاڻ تي ۽ ٺوڳو ڏنو هوانهن کي حياتي

ڊيڄاريائون ٿي، چوندا تہ پاڻ تي شاهدي ڏني سون ۽ کين دنيائي حياتيءَ ٺڳيو هو

الدُّنْيَا وَشَهِدُوْا عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ﴿١٣٠﴾ ذٰلِكَ

دنيا جي ۽ باسيندا پنهنجو پاڻ تي تہ اهي ڪافر هئا. اهو هن

۽ (هاڻي) پاڻ تي شاهدي ڏنائون تہ پاڻ ڪافر هئا. اِهو (پيغمبرن جو موڪلڻ) هن سببان آهي تہ

اَنْ لَّمْ يَكُنْ رَّبُّكَ مُهْلِكَ الْقُرٰى بِظُلْمٍ وَّاَهْلُهَا غٰفِلُوْنَ ﴿١٣١﴾

ڪري تہ نہ آهي تنهنجو رب تباھ ڪندڙ ڳوٺن کي ظلم جي سبب ۽ ڳوٺاڻا هجن بي خبر.

تنهنجو پالڻهار ڪنهن ڳوٺ کي هن حالت ۾ ظلم سان ڪڏهن ناس ڪرڻ وارو نہ آهي جو سندس رهاڪو بيخبر هجن.

وَلِكُلٍّ دَرَجٰتٌ مِّمَّا عَمِلُوْا ؕ وَمَا رَبُّكَ بِغَافِلٍ عَمَّا يَعْمَلُوْنَ ﴿١٣٢﴾

۽ هر هڪ لاءِ درجا آهن ان مان جيڪي عمل ڪيائون ۽ ناهي رب تنهنجو بي خبر ان کان جيڪي ڪن ٿا.

۽ هر ڪنهن جيڪي عمل ڪيا تنهن مان انهن لاءِ درجا آهن، ۽ جيڪي ڪندا آهن تنهن کان تنهنجو پالڻهار بيخبر نہ آهي.

وَرَبُّكَ الْغَنِيُّ ذُو الرَّحْمَةِ ۭ اِنْ يَّشَاْ يُذْهِبْكُمْ وَيَسْتَخْلِفْ مِنْۢ

۽ تنهنجو رب بي پرواھ رحمت وارو آھي، جيڪڏھن گھري تہ نئي توھان کي ۽ پويان آڻي توھان

۽ تنهنجو پالڻهار بي پرواھ ٻاجھ وارو آھي. جيڪڏھن گھري تہ اوھان کي ناس ڪري ۽ اوھان کان پوءِ

بَعْدِكُمْ مَّا يَشَاۗءُ كَمَآ اَنْشَاَكُمْ مِّنْ ذُرِّيَّةِ قَوْمٍ اٰخَرِيْنَ ۝١٣٣ۭ اِنَّ مَا

کان پوءِ جنهن کي چاھي جئن جو پيدا ڪيائين توھان کي اولاد قوم ٻين جي مان. بيشڪ جيڪو

جنهن لاءِ گھري تنهن کي (اُن هنڌ) ويهاري جيئن اوھان کي ٻي قوم جي نسل مان پيدا ڪيائين. بيشڪ

تُوْعَدُوْنَ لَاٰتٍ ۙ وَّمَآ اَنْتُمْ بِمُعْجِزِيْنَ ۝١٣٤ قُلْ يٰقَوْمِ اعْمَلُوْا

توھان سان وعدو ڪيل آھي ضرور ايندو ۽ نہ آھيو اوھين عاجز ڪندڙ. تون چؤ اي منهنجي قوم ڪم ڪريو

جيڪو انجام اوھان سان ڪجي ٿو سو ضرور اچڻو آھي ۽ اوھين ٿڪائڻ وارا نہ آھيو. (اي پيغمبر!) چؤ تہ. اي منهنجي

عَلٰي مَكَانَتِكُمْ اِنِّىْ عَامِلٌ ۚ فَسَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۙ مَنْ تَكُوْنُ لَهٗ

پنهنجن جاين تي آءٌ بہ ڪم ڪندڙ آھيان، پوءِ جلد ڄاڻندؤ تہ ڪير آھي جو ٿيندو انهيءَ لاءِ

قوم! اوھين پنهنجي هنڌ عمل ڪريو آءٌ (بہ) عمل ڪندڙ آھيان، پوءِ سگھو ڄاڻندؤ تہ آخرت ۾ ڪنهن جي

عَاقِبَةُ الدَّارِ ۭ اِنَّهٗ لَا يُفْلِحُ الظّٰلِمُوْنَ ۝١٣٥ وَجَعَلُوْا لِلّٰهِ مِمَّا ذَرَاَ

آخرت جو گھر، يقينن ناڪام ٿيندا ظالم. ۽ ڪيائون الله لاءِ سندس پيدائش

چڱي عاقبت هوندي. سچ آھي تہ ظالم نہ ڇٽندا!. ۽ جيڪي پوک ۽ ڍورن مان الله پيدا ڪيو آھي، تنهن مان ڪجھ حصو

مِنَ الْحَرْثِ وَالْاَنْعَامِ نَصِيْبًا فَقَالُوْا هٰذَا لِلّٰهِ بِزَعْمِهِمْ وَ

يعني پوک ۽ ڍورن مان حصو پوءِ چيائون هي الله لاءِ آھي پنهنجي خيال سان ۽

(ڪافر) الله جو مقرر ڪند آھن. ۽ پنهنجي گمان سان چوندا آھن تہ هيءُ (حصو) الله جو آھي ۽ هيءُ اسان جي ٻتن جو آھي.

هٰذَا لِشُرَكَاۗىِٕنَا ۚ فَمَا كَانَ لِشُرَكَاۗىِٕهِمْ فَلَا يَصِلُ اِلَى اللّٰهِ ۚ وَ

هي اسان جي شريڪن لاءِ آھي، پوءِ جيڪو آھي انهن جي شريڪن لاءِ سو نہ پيو پهچي الله تائين. ۽

وري جيڪو (حصو) سندن ٻتن جو هوندو آھي سو الله (واري حصي) سان ملي نہ سگھندو آھي. ۽

مَا كَانَ لِلّٰهِ فَهُوَ يَصِلُ اِلٰي شُرَكَاۗىِٕهِمْ ۭ سَاۗءَ مَا يَحْكُمُوْنَ ۝١٣٦

جيڪو آھي الله لاءِ پوءِ اهو پهچي پيو انهن جي شريڪن تائين، بڇڙو آھي جو فيصلو ڪن ٿا.

جيڪو (حصو) الله جو هوندو آھي سو سندن ٻتن (واري حصي) سان ملي سگھندو آھي. جيڪو فيصلو ڪندا آھن سو بڇڙو آھي!

وَكَذٰلِكَ زَيَّنَ لِكَثِيْرٍ مِّنَ الْمُشْرِكِيْنَ قَتْلَ اَوْلَادِهِمْ شُرَكَاۗؤُهُمْ

۽ اهڙي طرح سينگاري ڏنو آھي گھڻن مشرڪن کي قتل ڪرڻ پنهنجن ٻچن جو سندن شريڪن

۽ اهڙيءَ طرح گھڻن مشرڪن لاءِ سندن شريڪن (جن کي خدا ڪري مڃيندا آھن) سندن اولاد جو مارڻ سينگاريو آھي

لِيُرْدُوْهُمْ وَلِيَلْبِسُوْا عَلَيْهِمْ دِيْنَهُمْ ؕ وَلَوْ شَآءَ اللّٰهُ مَا

جيئن تباهه ڪن انهن کي ۽ جيئن ملاوت ڪن انهن تي سندن مذهب ۾ ۽ جيڪڏهن گهري ها الله ته ڪونه

ته (جيئن) کين هلاڪ ڪن ۽ سندن دين مٿن رَلائي مِلائي ڇڏين. ۽ جي الله گهري ها ته اهو نه ڪن ها! تنهن

فَعَلُوْهُ فَذَرْهُمْ وَمَا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٧﴾ وَقَالُوْا هٰذِهٖٓ اَنْعَامٌ وَّ

ڪن ها اهو ڪم پوءِ ڇڏ انهن کي ۽ جيڪي ڪوڙ ٺاهن ٿا. ۽ چيائون اهي ڍور ۽

ڪري کين ۽ جيڪي ناحق ٺاهيندا آهن تنهن کي ڇڏي ڏي! ۽ پنهنجي خيال سان هيءَ (به) چوندا آهن ته هي ڍور

حَرْثٌ حِجْرٌ ۖق لَّا يَطْعَمُهَآ اِلَّا مَنْ نَّشَآءُ بِزَعْمِهِمْ وَاَنْعَامٌ حُرِّمَتْ

پوک رک رکيل آهن نه کائيندو ان کي ڪوئي مگر جنهن لاءِ اسان چاهيون سندن خيال سان ۽ ڪي جانور حرام ڪيون ويون

(۽) پوک حرام آهن. جنهن لاءِ گهرون تنهن کان سواءِ ان کي ڪوئي نه کائي ۽ (چوندا آهن ته) هڪڙن ڍورن جي پٺي (سواريءَ لاءِ)

ظُهُوْرُهَا وَاَنْعَامٌ لَّا يَذْكُرُوْنَ اسْمَ اللّٰهِ عَلَيْهَا افْتِرَآءً عَلَيْهِ ؕ

پٺيون انهن جون ۽ ڪي جانور نه پڙهن انهن تي نالو الله جو ٺاهه ٺاهيندي ان تي.

حرام ڪئي ويئي آهي ۽ (ٻين) ڍورن تي (ذبح وقت) الله جو نالو ياد نه ڪندا آهن (اِهي ڳالهيون) الله تي ڪوڙي ٺاهه ٺاهڻ سان (ڪندا آهن).

سَيَجْزِيْهِمْ بِمَا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿١٣٨﴾ وَقَالُوْا مَا فِيْ بُطُوْنِ هٰذِهِ

جلد سزا ڏيندو انهن کي انهيءَ ڪوڙ ٺاهڻ جي. ۽ چيائون جو ڦر پيٽن ۾ آهي هنن

جيڪي ٺاهه ٺاهيندا آهن تنهن جي کين سگهو سزا ڏيندو. ۽ چوندا آهن ته جيڪي هِنن ڍورن جي پيٽن ۾ آهي

الْاَنْعَامِ خَالِصَةٌ لِّذُكُوْرِنَا وَمُحَرَّمٌ عَلٰٓى اَزْوَاجِنَا ۚ وَاِنْ يَّكُنْ

ڍورن کي اهو خاص اسان جا مرد کائن ۽ حرام آهي اسان جي زالن تي، ۽ جيڪڏهن اهو هوندو

سو خاص اسان جي مڙدن لاءِ آهي ۽ اسان جي زالن تي حرام ڪيل آهي، ۽ جيڪڏهن مئل هوندو ته

مَّيْتَةً فَهُمْ فِيْهِ شُرَكَآءُ ؕ سَيَجْزِيْهِمْ وَصْفَهُمْ ؕ اِنَّهٗ حَكِيْمٌ

مئل پوءِ اهي سڀ ان ۾ شريڪ آهن، اجهو سزا ڏيندو انهن کي سندن بيان تي، اهوئي حڪمت وارو

اهي (سڀ) ان ۾ ڀائيوار آهن، سندن تقرير جي کين سگهي سزا ڏيندو ڇو ته الله حڪمت وارو ڄاڻندڙ آهي.

عَلِيْمٌ ﴿١٣٩﴾ قَدْ خَسِرَ الَّذِيْنَ قَتَلُوْٓا اَوْلَادَهُمْ سَفَهًۢا بِغَيْرِ عِلْمٍ

علم وارو آهي. ناڪام ٿيا اهي جن ڪُٺو پنهنجن ٻچن کي بيوقوفيءَ ڪري بنا ڄاڻ جي

جن پنهنجي اولاد کي بنا علم جي بيوقوفي ڪري ڪُٺو ۽ جيڪي الله سندن رزق ڏنو سو الله تي

وَّحَرَّمُوْا مَا رَزَقَهُمُ اللّٰهُ افْتِرَآءً عَلَى اللّٰهِ ؕ قَدْ ضَلُّوْا وَمَا كَانُوْا

۽ حرام ڪيائون ان روزيءَ کي جا ڏني الله انهن کي ٺاهه ٺاهيندي الله تي، بيشڪ گمراهه ٿيا ۽ نه هئا

ڪوڙي ٺاهه ٺاهڻ سان حرام ڪيائون، سي بيشڪ نقصان وارا ٿيا (اهي) بيشڪ ڀُلا

ربع

مُهْتَدِيْنَ ﴿١٤٠﴾ وَهُوَ الَّذِيْٓ اَنْشَاَ جَنّٰتٍ مَّعْرُوْشٰتٍ وَّغَيْرَ مَعْرُوْشٰتٍ

هدايت وارا. ۽ اهو ئي آهي جنهن پيدا ڪيا باغ پيهن وارا ۽ بنا پيهن جي

۽ هدايت وارا نہ آهن.۽ اهو (الله) آهي جنهن چپرن وارا ۽ بنا چپرن وارا باغ ۽ ڪجيون ۽ پوکون

وَّالنَّخْلَ وَالزَّرْعَ مُخْتَلِفًا اُكُلُهٗ وَالزَّيْتُوْنَ وَالرُّمَّانَ مُتَشَابِهًا

۽ ڪجيون ۽ پوکون جدا جدا ميوا انهن جا ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪ ٻئي سان لڳ يڳ

جن جا ڦر قسم قسم ۽ زيتون ۽ ڏاڙهون هڪجهڙا ۽ جدا جدا قسم جا پيدا ڪيا.

وَّغَيْرَ مُتَشَابِهٍ ؕ كُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖٓ اِذَآ اَثْمَرَ وَاٰتُوْا حَقَّهٗ يَوْمَ

۽ صفا جدا، کائو ان جو ڦر جڏهن ڦرجي ۽ ڏيو حق ان جو لاباري

جڏهن ڦرن تڏهن سندن ڦر مان کائو ۽ سندن لاباري وقت الله جو حق (سندن زکوات) ڏيو ۽ اجايو

حَصَادِهٖ ۖ وَلَا تُسْرِفُوْا ؕ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿١٤١﴾ وَمِنَ الْاَنْعَامِ

ڏينهن، ۽ اجايو نہ وڃايو. بيشڪ اهو نہ تو پسند ڪري اجائي خرچ ڪندڙن کي. ۽ پيدا ڪيائين ڪي جانور

نہ وڃايو. جو تہ الله اجائي وڃائيندڙن کي دوست نہ رکندو آهي. ۽ ڍورن مان (وڏا وڏا) بار کڻڻ وارا

حَمُوْلَةً وَّفَرْشًا ؕ كُلُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ وَلَا تَتَّبِعُوْا

بار کڻندڙ ۽ ڪي زمين سان لڳل کائو ان مان جو رزق ڏنو توهان کي الله ۽ نہ هلو

۽ زمين سان لڳل (ننڍا جانور پيدا ڪيائين)_ الله جيڪا اوهان جي روزي ڪئي آهي تنهن مان کائو ۽ شيطان جي

خُطُوٰتِ الشَّيْطٰنِ ؕ اِنَّهٗ لَكُمْ عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿١٤٢﴾ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ۚ مِنَ الضَّاْنِ

شيطان جي وکن تي، اهو توهان جو دشمن پڌرو آهي. پيدا ڪيائين اٺ نرماد رڍن مان

وکن تي نہ هلو، جو تہ اهو اوهان جو پڌرو ويري آهي. (ڍور) اٺ قسم آهن. رڍن مان ٻہ ۽ ٻڪرين مان ٻہ (نر ۽ ماديون) آهن.

اثْنَيْنِ وَمِنَ الْمَعْزِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ

ٻہ ۽ ٻڪرين مان ٻہ، چؤ ڇا ٻئي نر حرام ڪيائين يا ٻئي ماديون

(اي پيغمبر! ڪافرن کي) چؤ تہ (الله) ٻنهي نرن کي حرام ڪيو آهي يا مادين کي يا جنهن کي ٻنهي قسمن

اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ الْاُنْثَيَيْنِ ؕ نَبِّـُٔوْنِيْ بِعِلْمٍ اِنْ كُنْتُمْ

يا اهو ڦر جنهن تي شامل آهي ڳيرڻ ٻنهي مادين جي، ٻڌايو مون کي دليل سان جيڪڏهن

جي مادين جي ڳهڻين ليٽيو آهي؟ جيڪڏهن اوهين سچا آهيو تہ مون کي دليل سان خبر ڏيو!

صٰدِقِيْنَ ﴿١٤٣﴾ وَمِنَ الْاِبِلِ اثْنَيْنِ وَمِنَ الْبَقَرِ اثْنَيْنِ ؕ قُلْ

سچا آهيو. ۽ اٺن مان ٻہ ۽ ڳئن مان ٻہ، چؤ

۽ اٺن مان ٻہ قسم ۽ ڳئن مان ٻہ قسم (اي پيغمبر! ڪافرن) کي چؤ تہ نرن کي الله حرام ڪيو آهي

ءٰٓالذَّكَرَيْنِ حَرَّمَ اَمِ الْاُنْثَيَيْنِ اَمَّا اشْتَمَلَتْ عَلَيْهِ اَرْحَامُ

چا ٻئي نر حرام ڪيائين يا ٻئي ماديون يا اهو ڦر جنهن تي ويڙهيل آهي ڳيرڻ

يا مادين کي يا جنهن کي ٻنهي قسمن جي مادين جي ڳهڻين لپيٽيو آهي؟

الْاُنْثَيَيْنِ ؕ اَمْ كُنْتُمْ شُهَدَآءَ اِذْ وَصّٰىكُمُ اللّٰهُ بِهٰذَا ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ

ٻنهي مادين جي، چا توهان حاضر هئا جڏهن حڪم ڏنو الله اهو، پوءِ ڪير وڌيڪ ظالم آهي

يا جنهن مهل الله اوهان کي اها وصيت ڪئي تنهن مهل (اوهين) حاضر هيوَ؟ پوءِ جيڪو الله تي

مِمَّنِ افْتَرٰى عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا لِّيُضِلَّ النَّاسَ بِغَيْرِ عِلْمٍ ؕ اِنَّ اللّٰهَ

ان کان جو ٺاهي الله تي ڪوڙ جيئن گمراهه ڪري ماڻهن کي بنا دليل، بيشڪ الله

ڪوڙو ٺاهه هن لاءِ ٺاهي ته ڄاڻپ کان سواءِ ماڻهن کي ڀُلائي تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟ ڇو ته الله ظالم

١٧ع٣ لَا يَهْدِى الْقَوْمَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٤٤﴾ قُلْ لَّآ اَجِدُ فِىْ مَآ اُوْحِىَ اِلَىَّ

نه ٿو هدايت ڪري ماڻهن ظالمن کي. چئُو آءٌ نه ٿو لهان ان ۾ جو نازل ڪيل آهي مون ڏانهن

قوم کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي. (اي پيغمبرا) چئُو ته جيڪي حڪم مون ڏانهن نازل ٿيا آهن تن مان ڪا

مُحَرَّمًا عَلٰى طَاعِمٍ يَّطْعَمُهٗٓ اِلَّآ اَنْ يَّكُوْنَ مَيْتَةً اَوْ دَمًا مَّسْفُوْحًا

ڪوئي حرام ڪنهن ڪائڻ واري تي جو ڪائي ان کي مگر اهو هجي مُئل يا رت وهيَل

شيءِ جنهن کي ڪائيندڙ ڪائي حرام نه ٿو لهان هن کان سواءِ ته (اهو) مئل هجي يا وهندڙ رت يا سوئر جو ماس.

اَوْ لَحْمَ خِنْزِيْرٍ فَاِنَّهٗ رِجْسٌ اَوْ فِسْقًا اُهِلَّ لِغَيْرِ اللّٰهِ بِهٖ ۚ فَمَنِ

يا گوشت سوئر جو پوءِ اهو سو پليت آهي يا ناجائز اها شيءِ جنهن تي پڪاريل هجي الله کان سواءِ ٻئي جو نالو پر جيڪو

جو اهي (سڀ) حرام آهن. يا گناهه طرح جنهن (شيءِ) تي الله جي نالي کان سواءِ ٻئي جو نالو سڏيو وڃي، پوءِ جي

اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَاِنَّ رَبَّكَ غَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ وَعَلَى

لاچار ٿيو نه بي فرماني ڪندڙ ۽ نه زيادتي ڪندڙ ته بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشيندڙ مهربان آهي. ۽

ڪو لاچاري حالت ۾ نڪي بي فرمان ۽ نڪي حد کان لنگهندڙ ٿئي (۽ منجهانئس ڪجهه کائي) ته بيشڪ تنهنجو پالڻهار بخشڻهار مهربان آهي.

الَّذِيْنَ هَادُوْا حَرَّمْنَا كُلَّ ذِىْ ظُفُرٍ ۚ وَمِنَ الْبَقَرِ وَالْغَنَمِ

يهودين تي حرام ڪيوسون هر ننهن وارو جانور، ۽ ڳائي مال ۽ ٻڪرين مان

۽ يهودين تي سڀئي ننهن وارا جانور حرام ڪيا هئاسون، ۽ (پڻ) ڳئن ۽ ٻڪرين مان

حَرَّمْنَا عَلَيْهِمْ شُحُوْمَهُمَآ اِلَّا مَا حَمَلَتْ ظُهُوْرُهُمَآ اَوِ الْحَوَايَآ

اسان حرام ڪيون انهن تي چربيون انهن جون مگر اها جيڪا چاڙهي انهن جي پٺين يا آنڊن

انهن جي پٺي واريءَ لڳل وَهه يا آنڊي واريءَ يا هڏن سان گڏيل وهه کان سواءِ (ٻي سڀ وَهه) مٿن

اَوْ مَا اخْتَلَطَ بِعَظْمٍ ؕ ذٰلِكَ جَزَيْنٰهُمْ بِبَغْيِهِمْ ۖ وَاِنَّا لَصٰدِقُوْنَ ١٤٦

يا اهاجيڪا گڏجي وئي هڏ سان، اها سزا ڏني سون کين سندن بي فرمانيءَ جي، ۽ اسان سچا آهيون.

حرام ڪئي هئي سون. اِها سندين بي فرمانيءَ سببان کين سزا ڏني سون ۽ اسين ته ضرور سچ چوڻ وارا آهيون.

فَاِنْ كَذَّبُوْكَ فَقُلْ رَّبُّكُمْ ذُوْ رَحْمَةٍ وَّاسِعَةٍ ۚ وَلَا يُرَدُّ بَاْسُهٗ

پوءِ جيڪڏهن اهي ڪوڙو ڄڻن توکي پوءِ چؤ توهان جو رب رحمت ڪشادي وارو آهي. ۽ نه هٽايو ويندو ان جو عذاب

پوءِ (اي پيغمبر!) جيڪڏهن توکي ڪوڙو پائين ته چئو ته اوهان جو پالڻهار گهڻي رحمت وارو آهي. ۽ ڏوهارڻ قوم کان

عَنِ الْقَوْمِ الْمُجْرِمِيْنَ ١٤٧ سَيَقُوْلُ الَّذِيْنَ اَشْرَكُوْا لَوْ شَآءَ اللّٰهُ

قوم ڏوهارين جي کان. هينئر چوندا اهي جن شرڪ ڪيو جيڪڏهن گهري ها الله ته

سندس عذاب نه ٽاربو. مشرڪ سگهو چوندا ته. جي الله گهري ها ته نڪي اسين شرڪ ڪريون ها ۽ نڪي اسان جا

مَآ اَشْرَكْنَا وَلَآ اٰبَآؤُنَا وَلَا حَرَّمْنَا مِنْ شَيْءٍ ؕ كَذٰلِكَ كَذَّبَ

نه شرڪ ڪيون ها اسان ۽ نڪي اسان جا ابا ڏاڏا ۽ نڪي حرام ڪيون ها ڪائي شيءِ، اهڙي طرح ڪوڙو ڪيو هو

ابا ڏاڏا (شرڪ ڪن ها) ۽ نڪي اسين (پاڻ تي) ڪا شيءِ حرام ڪريون ها! اهڙيءَ طرح ڪافرن جيڪي اڳ هئا تن به ڪوڙ پاتيو،

الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ حَتّٰى ذَاقُوْا بَاْسَنَا ؕ قُلْ هَلْ عِنْدَكُمْ مِّنْ

انهن کان اڳين به نيٺ چکيائون عذاب اسانجو. چؤ ڇا توهان وٽ آهي ڪوئي

تان جو اسان جي سزا (جو مزو) چکيائون. (اي پيغمبر! کين) چئو ته. اوهان وٽ ڪو دليل آهي ته

عِلْمٍ فَتُخْرِجُوْهُ لَنَا ؕ اِنْ تَتَّبِعُوْنَ اِلَّا الظَّنَّ وَاِنْ اَنْتُمْ اِلَّا

علم ته ظاهر ڪريوان ڪي اسان لاءِ، رڳو توهان هلو ٿا گمان تي ۽ توهان رڳو

اُهو اسان کي ڪڍي آڻيو؟ (اوهين) رڳو گمان تي هلندا آهيو ۽ اوهين رڳو اٽڪل هڻندا آهيو.

تَخْرُصُوْنَ ١٤٨ قُلْ فَلِلّٰهِ الْحُجَّةُ الْبَالِغَةُ ۚ فَلَوْ شَآءَ لَهَدٰىكُمْ اَجْمَعِيْنَ ١٤٩

اٽڪلون ٿا ڪريو. تون چؤ ته الله جو ئي آهي دليل پختو، پوءِ جيڪڏهن اهو چاهي ته هدايت ڪري توهان سڀني کي.

(اي پيغمبر! کين) چئو ته، الله جي حجت مضبوط آهي، جيڪڏهن گهري ها ته ضرور اوهان مڙني کي سڌو رستو ڏيکاري ها!

قُلْ هَلُمَّ شُهَدَآءَكُمُ الَّذِيْنَ يَشْهَدُوْنَ اَنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ هٰذَا ۚ

چؤ آڻيو پنهنجا شاهد جيڪي شاهدي ڏين ته الله حرام ڪئي آهي هيءَ شيءِ

(اي پيغمبر! کين) چئو ته، پنهنجن شاهدن کي سڏيو جيڪي شاهدي ڏين ته الله اِنهن (مُعين شين) کي حرام ڪيو آهي

فَاِنْ شَهِدُوْا فَلَا تَشْهَدْ مَعَهُمْ ۚ وَلَا تَتَّبِعْ اَهْوَآءَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا

پوءِ جي اهي چون به ته تون نه چؤ انهن سان گڏ، ۽ نه هل انهن جي خواهش تي جن ڪوڙو ڪوٺيو

پوءِ جيڪڏهن (اهي اچي) شاهدي ڏين ته (تون) انهن سان شاهدي نه ڏي! ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو ۽

ع ٩/٥

بِاٰيٰتِنَا وَالَّذِيْنَ لَا يُؤْمِنُوْنَ بِالْاٰخِرَةِ وَهُمْ بِرَبِّهِمْ يَعْدِلُوْنَ ﴿١٥٠﴾

اسان جي آيتن کي ۽ جيڪي نه ٿا مڃين آخرت کي ۽ اهي پنهنجي رب سان ٻين کي برابر ٿا ڪن.

جيڪي آخرت کي نه مڃيندا آهن تن جي چوڻ تي نه هلا ۽ اهي پنهنجي پالڻهار سان ٻين کي برابر ڪن ٿا.

قُلْ تَعَالَوْا اَتْلُ مَا حَرَّمَ رَبُّكُمْ عَلَيْكُمْ اَلَّا تُشْرِكُوْا بِهٖ شَيْـًٔا وَّ

چئو اچو آءٌ پڙهان ٿو جيڪي حرام ڪيو توهان جي رب توهان تي ته نه شريڪ ڪريو انهيءَ سان ڪنهن شيءِ کي ۽

(اي پيغمبر! ڪين) چئو ته اوهان جي پالڻهار اوهان تي جيڪي حرام ڪيو آهي سو اچو ته آءٌ پڙهي ٻڌايان. (اهو هي آهي ته) اوهين ڪنهن شيءِ کي

بِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا ۚ وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَوْلَادَكُمْ مِّنْ اِمْلَاقٍ ۭ نَحْنُ

پيءُ ماءُ سان چڱائي ڪريو، ۽ نه ڪُهو پنهنجن ٻچن کي سڃائي کان، اسان

ساڻس شريڪ نه ڪريو ۽ ماءُ پيءُ سان چڱائي ڪريو ۽ اوهين پنهنجي اولاد کي سڃائيءَ سببان نه ڪُهو. اسين اوهان کي (به) ۽ (خاص) اُنهن کي (به)

نَرْزُقُكُمْ وَاِيَّاهُمْ ۚ وَلَا تَقْرَبُوا الْفَوَاحِشَ مَا ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا

روزي ڏيندا آهيون توهان کي ۽ انهن کي ۽ نه ويجها ٿيو بي حيائي کي جا ظاهر هجي ان مان يا

روزي ڏيندا آهيون. ۽ بي حيائيءَ جي ڪمن مان جيڪي پڌرو هجي ۽ جيڪي ڳجهو هجي تنهن (سڀ) کي (اوهين) ويجها نه وڃو

بَطَنَ ۚ وَلَا تَقْتُلُوا النَّفْسَ الَّتِيْ حَرَّمَ اللّٰهُ اِلَّا بِالْحَقِّ ۭ ذٰلِكُمْ

لڪل هجي، ۽ نه قتل ڪريو ماڻهوءَ کي جنهن کان روڪيو الله مگر حق سان، اهو اٿوَ.

۽ نڪي (اهڙي) ماڻهوءَ کي ماريو جنهن جو مارڻ حق (شرعي قانون) کان سواءِ الله حرام ڪيو آهي. اهو (حڪم) آهي

وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ تَعْقِلُوْنَ ﴿١٥١﴾ وَلَا تَقْرَبُوْا مَالَ الْيَتِيْمِ اِلَّا

حڪم ڪيائين توهان کي جنهن جو ته من توهان عقل ڪريو. ۽ نه ويجها ٿيو يتيم جي مال کي مگر

جنهن سان اوهان کي (الله) وصيت فرمائي آهي مَن اوهين سمجهو. ۽ جيڪو (طريقو) بهتر هجي تنهن کان سواءِ (ٻئي طريقي سان) يتيمن جي مال کي

بِالَّتِيْ هِيَ اَحْسَنُ حَتّٰى يَبْلُغَ اَشُدَّهٗ ۚ وَاَوْفُوا الْكَيْلَ وَالْمِيْزَانَ

اهڙي طرح جو جائز هجي تان جو پهچي پنهنجي جوانيءَ کي، ۽ پورو ڪريو ماڻ ۽ تور کي

ويجها نه وڃو جيستائين اُهو پنهنجي جوانيءَ کي پهچي. ۽ ماپ تور انصاف سان پوري ڏيو وٺو. اسين ڪنهن

بِالْقِسْطِ ۚ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَا ۚ وَاِذَا قُلْتُمْ فَاعْدِلُوْا

انصاف سان، اسان نه ٿا تڪليف ڏيون ڪنهين کي مگر ان جي طاقت آهر، ۽ جڏهن ڳالهايو ته حق چئو

ماڻهوءَ کي سندس وس کان سواءِ (وڌيڪ) تڪليف نه ٿا ڏيون. ۽ جڏهن اوهين (ڳاٺ ۾) ڳالهايو تڏهن انصاف سان هلو

وَلَوْ كَانَ ذَا قُرْبٰى ۚ وَبِعَهْدِ اللّٰهِ اَوْفُوْا ۭ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ

جيتوڻيڪ هجي مائٽ، ۽ الله سان ڪيل وعدو پاڙيو، اهو اٿوَ حڪم ڪيائين توهان کي جنهن جو مَنَ توهان

جيتوڻيڪ مائٽيءَ وارو هجي. ۽ الله جو انجام پاڙيو. انهيءَ (حڪم جي) اوهان کي وصيت ڪئي اٿس

تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٢﴾ وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِيْ مُسْتَقِيْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا

نصيحت وٺو. ۽ بيشڪ اها منهنجي راهه آهي سڌي پوءِ انهيءَ تي هلو، ۽ نہ هلو

تہ مَانَ اوهين نصيحت وٺو. ۽ هيءَ تہ اِها منهنجي سڌي واٽ آهي تنهن ڪري اُن تي هلو ۽ ٻين واٽن تي نہ هلو جو اُهي

السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِيْلِهٖ ۗ ذٰلِكُمْ وَصّٰىكُمْ بِهٖ لَعَلَّكُمْ

ٻين رستن تي پوءِ اهي پري ڪندا توهان کي ان جي راهه کان، اهو اٿو حڪم ڪيائين توهان کي جنهن جو من

واٽون اوهان کي سندس واٽ کان جدا ڪنديون. انهيءَ (حڪم جي) اوهان کي وصيت فرمائي اٿس تہ مَن اوهين

تَتَّقُوْنَ ﴿١٥٣﴾ ثُمَّ اٰتَيْنَا مُوْسَى الْكِتٰبَ تَمَامًا عَلَى الَّذِيْٓ اَحْسَنَ

پرهيزگار ٿيو. پوءِ ڏنوسون موسيٰ کي ڪتاب نعمت پوري ڪرڻ لاءِ انهيءَ تي جيڪو چڱو ڪم ڪري

،پرهيزگاري ڪريو. وري موسيٰ کي ڪتاب انهيءَ ماڻهو تي پنهنجي نعمت جي پوري ڪرڻ لاءِ، جو ڀلارو هجي ۽

وَتَفْصِيْلًا لِّكُلِّ شَيْءٍ وَّهُدًى وَّرَحْمَةً لَّعَلَّهُمْ بِلِقَآءِ رَبِّهِمْ

۽ بيان ڪرڻ لاءِ هر شيءِ کي ۽ هدايت لاءِ ۽ رحمت لاءِ تہ جئن اهي ملاقات پنهنجي رب جيءَ کي

سڀ ڪنهن شيءِ جي تفصيل لاءِ ۽ هدايت ۽ ٻاجهہ لاءِ ڏنوسون تہ مَن اُهي پنهنجي پالڻهار جي ملاقات کي مڃين.

يُؤْمِنُوْنَ ﴿١٥٤﴾ وَهٰذَا كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ مُبٰرَكٌ فَاتَّبِعُوْهُ وَاتَّقُوْا لَعَلَّكُمْ ع ١٩

مڃين. ۽ هيءُ قرآن ڪتاب آهي جنهن کي لاٿوسون برڪت وارو آهي پوءِ هلوان تي ۽ ڊڄو مَن توهان

هيءُ برڪت وارو ڪتاب (يعني قرآن) لاٿوسون تنهن ڪري اُن جي تابعداري ڪريو ۽ ڊڄو تہ اوهان تي ٻاجهہ ڪئي وڃي.

تُرْحَمُوْنَ ﴿١٥٥﴾ اَنْ تَقُوْلُوْٓا اِنَّمَآ اُنْزِلَ الْكِتٰبُ عَلٰى طَآئِفَتَيْنِ مِنْ

رحم ڪيا وڃو. متان چئو تہ رڳو نازل ڪيو ويو ڪتاب ٻن جماعتن تي اسان کان

(هن لاءِ لاٿوسون تہ اي ڪافرو!) متان چوڻ لڳو تہ. اسان کان اڳ وارين ٻن ٽولين کان سواءِ ٻئي (ڪنهن) تي

قَبْلِنَا ۪ وَاِنْ كُنَّا عَنْ دِرَاسَتِهِمْ لَغٰفِلِيْنَ ﴿١٥٦﴾ اَوْ تَقُوْلُوْا لَوْ اَنَّآ

اڳي ۽ اسان هئاسون ان جي تعليم کان بي خبر. يا چئو تہ جيڪر نازل ٿئي

ڪتاب نہ لاٿو ويو آهي ۽ اسين سندن پڙهي پڙهائي کان بيخبر هئاسون. يا چئو تہ. جيڪڏهن اسان تي ڪو ڪتاب

اُنْزِلَ عَلَيْنَا الْكِتٰبُ لَكُنَّآ اَهْدٰى مِنْهُمْ ۚ فَقَدْ جَآءَكُمْ بَيِّنَةٌ

ها اسان تي بہ ڪتاب تہ اسان ٿيون ها وڌيڪ هدايت وارا انهن کان، سو بيشڪ اچي ويو توهان وٽ رهبر

نازل ٿئي ها تہ (اسين) ضرور انهن کان وڌيڪ هدايت وارا ٿيون ها، پوءِ بيشڪ اوهان جي پالڻهار کان (روشن) دليل

مِّنْ رَّبِّكُمْ وَهُدًى وَّرَحْمَةٌ ۚ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِ

توهان جي رب کان ۽ هدايت ۽ رحمت، پوءِ ڪير وڌو ظالم آهي انهيءَ کان جو ڪوڙو ڪري الله

۽ هدايت ۽ ٻاجهہ اوهان وٽ آئي آهي، پوءِ اُن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي جو الله جي آيتن کي ڪوڙ ڄاڻي

اللّٰهِ وَصَدَفَ عَنْهَا ط سَنَجْزِی الَّذِيْنَ يَصْدِفُوْنَ عَنْ اٰيٰتِنَا

جي آيتن کي ۽ منهن موڙي انهن کان، جلد سزا ڏينداسون انهن کي جيڪي منهن موڙين ٿا اسان جي آيتن کان

۽ ڪانئن منهن موڙي؟ جيڪي اسان جي آيتن کان منهن موڙيندا تن کي انهيءَ سببان بڇڙي عذاب جي سزا ڏينداسون

سُوْٓءَ الْعَذَابِ بِمَا كَانُوْا يَصْدِفُوْنَ ﴿١٥٧﴾ هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّآ اَنْ

بڇڙي عذاب جي هن ڪري جو اهي منهن موڙيندا هئا. نه ٿا ڏسن مگر هي ته

جو منهن موڙيندا هئا.هن کان سواءِ انتظار نه ڪندا آهن ته وٽن ملائڪ اچن يا تنهنجو پالڻهار

تَاْتِيَهُمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَوْ يَاْتِيَ رَبُّكَ اَوْ يَاْتِيَ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ ط يَوْمَ

اچن انهن وٽ ملائڪ يا اچي تنهنجو رب يا اچن ڪي نشانيون تنهنجي رب جون، جنهن ڏينهن

اچي يا تنهنجي پالڻهار جون ڪي نشانيون اچن! جنهن ڏينهن تنهنجي پالڻهار جون ڪي نشانيون اينديون

يَاْتِيْ بَعْضُ اٰيٰتِ رَبِّكَ لَا يَنْفَعُ نَفْسًا اِيْمَانُهَا لَمْ تَكُنْ

ايندين ڪي نشانيون تنهنجي رب جون نفعو نه ڏيندو ڪنهن کي ايمان انهيءَ جو جنهن نه

(تنهن ڏينهن) اهڙي ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس ايمان آڻڻ فائدو نه ڏيندو جنهن. اڳ ايمان نه آندو هوندو

اٰمَنَتْ مِنْ قَبْلُ اَوْ كَسَبَتْ فِيْٓ اِيْمَانِهَا خَيْرًا ط قُلِ

ايمان آندو هو اڳ ۾ يا نه ڪمائي هئي پنهنجي ايمان ۾ ڪا نيڪي، چؤ

يا پنهنجي ايمان ۾ چڱائي نه ڪئي هوندي، (اي پيغمبرا ڪين) چئو ته. (اوهين به) انتظار ڪريو

انْتَظِرُوْٓا اِنَّا مُنْتَظِرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ اِنَّ الَّذِيْنَ فَرَّقُوْا دِيْنَهُمْ وَ

انتظار ڪريو اسان به منتظر آهيون. بيشڪ جن ٽڪرا ڪيو پنهنجي دين کي ۽

اسين به انتظار ڪندڙ آهيون. جن پنهنجي دين کي ڏارو ڏار ڪري ڇڏيو ۽ ٽوليون ٽوليون ٿي ويا

كَانُوْا شِيَعًا لَّسْتَ مِنْهُمْ فِيْ شَيْءٍ ط اِنَّمَآ اَمْرُهُمْ

ٿي ويا ٽولا ناهين تون انهن سان ڪنهن ڳالهه ۾، رڳو ڪم انهن جو

تن سان تنهنجو ڪو واسطو نه آهي، سندن ڪم الله جي ئي حوالي آهي وري جيڪي

اِلَى اللّٰهِ ثُمَّ يُنَبِّئُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَفْعَلُوْنَ ﴿١٥٩﴾ مَنْ جَآءَ بِالْحَسَنَةِ

الله جي حوالي آهي پوءِ خبر ڏيندو انهن کي ان جي جو ڪجهه ڪندا هئا. جيڪو آڻيندو چڱائي

ڪندا آهن تنهن جي کين سُڌ ڏيندو. جيڪو ڪا چڱائي (الله جي حضور ۾) آڻيندو تنهن لاءِ ان جهڙيون

فَلَهٗ عَشْرُ اَمْثَالِهَا ج وَمَنْ جَآءَ بِالسَّيِّئَةِ فَلَا يُجْزٰٓى اِلَّا

پوءِ ان لاءِ آهي ڏهوڻ انهيءَ جي، ۽ جيڪو آڻيندو بڇڙائي پوءِ ان کي بدلو ڏنو ويندو

ڏهوڻيون آهن. ۽ جيڪو بڇڙائي آڻيندو تنهن کي ان جهڙيءَ ڪان سواءِ (بي) سزا نه ڏبي ۽ انهن تي

مِثْلَهَا وَهُمْ لَا يُظْلَمُوْنَ ﴿١٦٠﴾ قُلْ اِنَّنِيْ هَدٰىنِيْ رَبِّيْ
اوترو ئي ۽ اهي نہ ظلم ڪيا ويندا. چؤ مون کي هلايو آهي منهنجي رب
ظلم نہ ڪبو. (اي پيغمبرا ڪين) چئو تہ، منهنجي پالڻهار مون کي سڌيءَ واٽ ڏانهن هدايت ڪئي آهي.

اِلٰى صِرَاطٍ مُّسْتَقِيْمٍ ۚ دِيْنًا قِيَمًا مِّلَّةَ اِبْرٰهِيْمَ حَنِيْفًا ۚ وَ
رستي سڌي تي، دين صحيح تي طريقي ابراهيم تي جو هڪ طرف هئو ۽
جو محڪم دين ابراهيم حنيف (خدا ڏانهن هڪ طرفي) جو طريقو آهي، ۽ (ابراهيم)

مَا كَانَ مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ ﴿١٦١﴾ قُلْ اِنَّ صَلَاتِيْ وَنُسُكِيْ وَ
نہ هئو مشرڪن مان. تون چؤ بيشڪ منهنجي نماز ۽ منهنجي خيرات ۽
مشرڪن مان نہ هو. (اي پيغمبرا ڪين هيءُ بہ) چئو تہ منهنجي نماز ۽ منهنجون مڙيئي عبادتون

مَحْيَايَ وَمَمَاتِيْ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٦٢﴾ لَا شَرِيْكَ لَهٗ ۚ وَ
منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ الله پروردگار جهانن جي لاءِ آهي. ناهي ڪو شريڪ ان جو، ۽
۽ منهنجو جيئڻ ۽ منهنجو مرڻ (سڀ) جهانن جي پالڻهار الله لاءِ آهي. ان جو ڪو شريڪ نہ آهي، ۽ مون کي

بِذٰلِكَ اُمِرْتُ وَاَنَا اَوَّلُ الْمُسْلِمِيْنَ ﴿١٦٣﴾ قُلْ اَغَيْرَ اللّٰهِ
اهو ئي حڪم ڏنو ويو اٿم ۽ آءٌ ئي پهريون فرمانبردار آهيان. چؤ ڇا الله کان سواءِ
ان لاءِ حڪم ٿيل آهي ۽ آءٌ پهريون مسلمان آهيان. (اي پيغمبرا) چئو تہ، الله کان سواءِ ٻيو پالڻهار ڇو گهران؟

اَبْغِيْ رَبًّا وَّهُوَ رَبُّ كُلِّ شَيْءٍ ۗ وَلَا تَكْسِبُ كُلُّ نَفْسٍ
ڳوليان ڪو رب ۽ اهو پاليندڙ هر شيءِ جو آهي، ۽ نہ تو گناهہ ڪري هر ڪو ماڻهو
حالانڪ اهو هر شيءِ جو پالڻهار آهي، ۽ سڀ ڪو ماڻهو جيڪي ڪندو سو (بار) رڳو مٿس هوندو.

اِلَّا عَلَيْهَا ۚ وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ۚ ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ
مگر پاڻ تي، ۽ نہ کڻندو ڪوئي بار کڻندڙ بار ٻئي جو، پوءِ پنهنجي رب ڏانهن آهي
۽ ڪو کڻندڙ ٻئي جو بار نہ کڻندو، وري اوهان کي پنهنجي پالڻهار ڏانهن موٽڻ جو هنڌ آهي

مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ فِيْهِ تَخْتَلِفُوْنَ ﴿١٦٤﴾ وَهُوَ
موٽڻ اوهان جو پوءِ ٻڌائيندو توهان کي اها ڳالهہ جنهن ۾ توهان جهڳڙو ڪندا هئا. ۽ اهي
پوءِ جنهن ڳالهہ بابت اوهين تڪرار ڪندا آهيو تنهن جي اوهان کي سُڌ ڏيندو. ۽ اهو (الله) آهي جنهن

الَّذِيْ جَعَلَكُمْ خَلٰٓئِفَ الْاَرْضِ وَرَفَعَ بَعْضَكُمْ فَوْقَ بَعْضٍ
ئي ڪيو توهان کي سنڀاليندڙ زمين جو ۽ مٿي ڪيائين توهان مان هڪڙن کي ٻين کان
اوهان کي زمين جو بادشاهہ ڪيو آهي ۽ اوهان مان ڪن جا درجا ڪن کان هن لاءِ بلند ڪيائين تہ

دَرَجٰتٍ لِّيَبْلُوَكُمْ فِيْ مَآ اٰتٰىكُمْ ؕ اِنَّ رَبَّكَ سَرِيْعُ الْعِقَابِ ۖ

درجن ۾ جيئن آزمائي توهان کي ان ۾ جيڪي توهان کي ڏنائين. بيشڪ تنهنجو رب جلد عذاب ڪندڙ آهي.

جيڪي اوهان کي ڏنو اٿس تنهن ۾ اوهان کي پرکي، ڇو ته تنهنجو پالڻهار جلد سزا ڏيندڙ (به) آهي

وَاِنَّهٗ لَغَفُوْرٌ رَّحِيْمٌ ﴿١٦٥﴾ ع

۽ بيشڪ اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

۽ بيشڪ اهو بخشڻهار مهربان (به) آهي.

سُوْرَةُ الْاَعْرَافِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٢٠٦ رُكُوْعَاتُهَا ٢٤

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

الٓمّٓصٓ ﴿١﴾ كِتٰبٌ اُنْزِلَ اِلَيْكَ فَلَا يَكُنْ فِيْ صَدْرِكَ حَرَجٌ

المص. هي ڪتاب لاٿو ويو توڏانهن پوءِ نه هجي تنهنجي دل ۾ ڪا پريشاني

المص. (اي پيغمبر! هي) ڪتاب تو ڏانهن لاٿو ويو ته ساڻس (ماڻهن کي) ڊيڄارين تنهن ڪري ان بابت

مِّنْهُ لِتُنْذِرَ بِهٖ وَذِكْرٰى لِلْمُؤْمِنِيْنَ ﴿٢﴾ اِتَّبِعُوْا مَآ اُنْزِلَ

هن کان جيئن ڊيڄارين انهيءَ سان ۽ نصيحت ڪرين مؤمنن کي. هلو ان تي جيڪي نازل ٿيو

تنهنجي سيني ۾ ڪا تنگي نه ٿيڻ گهرجي ۽ مومنن لاءِ نصيحت آهي. جيڪي اوهان ڏانهن اوهان جي پالڻهار کان لاٿو ويو

اِلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَلَا تَتَّبِعُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ ؕ قَلِيْلًا مَّا

توهان ڏانهن توهان جي رب کان ۽ نه تابع ٿيو انهي کان سواءِ ٻين دوستن جا. تمام گهٽ تا

تنهن جي پيروي ڪريو ۽ ان (الله) کان سواءِ ٻين دوستن جي پيروي نه ڪريو. اوهان (تمام) گهٽ نصيحت وٺندا آهيو.

تَذَكَّرُوْنَ ﴿٣﴾ وَكَمْ مِّنْ قَرْيَةٍ اَهْلَكْنٰهَا فَجَآءَهَا بَاْسُنَا بَيَاتًا اَوْ

سمجهو توهان. ۽ ڪيتري ڳوٺ هلاڪ ڪيا سون جو پهتو انهن تي عذاب اسان جو راتو واهه يا

۽ گهڻائي ڳوٺ هئا جي ويران ڪياسون پوءِ (يا) راتو واه (سمهڻ مهل) انهن کي اسان جو عذاب پهتو يا اهي

هُمْ قَآئِلُوْنَ ﴿٤﴾ فَمَا كَانَ دَعْوٰىهُمْ اِذْ جَآءَهُمْ بَاْسُنَآ اِلَّآ اَنْ

هئا منجهند جو آرامي. پوءِ نه هو آواز انهن جو جڏهن آيو وٽن عذاب مگر چون

منجهند جو ننڊ ڪرڻ وارا هئا. پوءِ جڏهن ڪين اسان جو عذاب پهتو (تڏهن) سندين پڪارهن چوڻ کان سواءِ نه هئي

قَالُوْٓا اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ ﴿٥﴾ فَلَنَسْئَلَنَّ الَّذِيْنَ اُرْسِلَ اِلَيْهِمْ

پيا ته برابر اسان هئاسين ظالم. پوءِ ضرور پڇنداسون انهن کان موڪليا ويا رسول جن ڏانهن

ته اسين (پاڻ ئي) ظلم ڪندڙ هئاسون! پوءِ جن ڏانهن پيغمبر موڪليا ويا تن کان (به) ضرور پڇنداسون ۽

النصف ١/٢

وَلَنَسْـَٔلَنَّ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٦﴾ فَلَنَقُصَّنَّ عَلَيْهِمْ بِعِلْمٍ وَّمَا كُنَّا

۽ ضرور پڇا ڪنداسون رسولن کان. پوءِ بيان ڪنداسون انهن تي ثابتيءَ سان ۽ نه هئاسون

پيغمبرن کان (به) ضرور پڇنداسون. پوءِ (سندن ڪرتوت) مٿن علم سان بيان ڪنداسون ۽ اسين پري نه هئاسون.

غَآئِبِيْنَ ﴿٧﴾ وَالْوَزْنُ يَوْمَئِذِ ۣالْحَقُّ ۚ فَمَنْ ثَقُلَتْ مَوَازِيْنُهٗ

غير حاضر. ۽ تور تنهن ڏينهن پوري ٺيندي، پوءِ جنهن جا ڳرا ٿيا تورا

۽ اُن ڏينهن (عملن جي) تور سچ آهي، پوءِ جن جا پلڙا ڳرا ٿيا سي ئي ڇٽل آهن.

فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿٨﴾ وَمَنْ خَفَّتْ مَوَازِيْنُهٗ فَاُولٰٓئِكَ

تن اهي ئي ڪامياب آهن. ۽ جنهن جا هلڪا ٿيا تورا پوءِ اهي ئي آهن

۽ جن جا پلڙا هلڪا ٿيا سي اهي آهن جن پاڻ کي انهيءَ سببان نقصان لاتو جو

الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ بِمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَظْلِمُوْنَ ﴿٩﴾ وَ

جن زيان ڪيو پنهنجو ان ڪري جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. ۽

اسان جي آيتن بابت انڪار ڪندا هئا. ۽ بيشڪ اوهان کي زمين ۾ ٽڪايوسون

لَقَدْ مَكَّنّٰكُمْ فِي الْاَرْضِ وَجَعَلْنَا لَكُمْ فِيْهَا مَعَايِشَ ۭ قَلِيْلًا مَّا

اسان ئي توهان کي قرار ڏنوسون زمين ۾ ۽ ڪئي سون توهان لاءِ انهيءَ ۾ معاشيات، تمام گهٽ

۽ منجهس اوهان لاءِ گذران (جو اپاءُ) رکيوسون. (پر اوهين) ٿورو شڪر ڪندا آهيو.

تَشْكُرُوْنَ ﴿١٠﴾ ع وَلَقَدْ خَلَقْنٰكُمْ ثُمَّ صَوَّرْنٰكُمْ ثُمَّ قُلْنَا

تا شڪر ڪريو. ۽ اسان پيدا ڪيو توهان کي پوءِ شڪليون ڏنيون سي اوهان کي پوءِ چيوسون

۽ بيشڪ اوهان کي پيدا ڪيوسون وري اوهان جي شڪل ٺاهي سون وري ملائڪن کي چيوسون ته

لِلْمَلٰٓئِكَةِ اسْجُدُوْا لِاٰدَمَ ڰ فَسَجَدُوْٓا اِلَّآ اِبْلِيْسَ ۭ لَمْ يَكُنْ مِّنَ

ملائڪن کي ته سجدو ڪريو آدم کي، پوءِ سجدو ڪيائون مگر ابليس، نه هئو سجدي

آدم کي سجدو ڪريو پوءِ شيطان کان سواءِ (ٻين) سجدو ڪيو، (شيطان) سجدي ڪندڙن مان نه ٿيو.

السّٰجِدِيْنَ ﴿١١﴾ قَالَ مَا مَنَعَكَ اَلَّا تَسْجُدَ اِذْ اَمَرْتُكَ ۭ قَالَ اَنَا خَيْرٌ

ڪندڙن مان. چيائين ڪهڙي رڪاوٽ هئي توکي جو نه سجدو ڪيو تو جڏهن حڪم ڪير توکي، چيائين آءٌ ڀلو آهيان

(الله) چيو ته توکي سجدي ڪرڻ کان ڪهڙي (ڳالهه) جهليو؟ جڏهن ته توکي حڪم (به) ڪيم. چيائين ته آءٌ کانئس ڀلو آهيان.

مِّنْهُ ۚ خَلَقْتَنِيْ مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿١٢﴾ قَالَ فَاهْبِطْ

ان کان، تو پيدا ڪيو مون کي باهه مان ۽ پيدا ڪيو تو ان کي مٽيءَ مان. فرمايائين تون لهي وڃ

مون کي باهه مان پيدا ڪيو اٿيئي ۽ اُن کي مٽيءَ مان پيدا ڪيو اٿيئي. (الله) چيو ته اُن (آسمان) مان هيٺ لهي وڃ!

مِنْهَا فَمَا يَكُوْنُ لَكَ اَنْ تَتَكَبَّرَ فِيْهَا فَاخْرُجْ اِنَّكَ

هِتان پوءِ ناهي توکي ڪو حق جو آڪڙ ڪرين ٿو هتي پوءِ نڪري وڃ بيشڪ تون

توکي منجهس وڏائي ڪرڻ نہ جڳائيندي آهي تنهن ڪري (تون) نڪرا چو تہ تون خوار ٿيلن مان آهين.

مِنَ الصّٰغِرِيْنَ ﴿١٣﴾ قَالَ اَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤﴾ قَالَ اِنَّكَ

ذليلن مان آهين. چيائين ڍر ڏي مون کي ڏينهن قيامت تائين. فرمايائين بلاشڪ تون

چيائين قيامت جي ڏينهن تائين مون کي مهلت ڏي. (الله) فرمايو تہ يقينن تون مهلت ڏنلن مان آهين.

مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿١٥﴾ قَالَ فَبِمَآ اَغْوَيْتَنِيْ لَاَقْعُدَنَّ لَهُمْ صِرَاطَكَ

مهلت ڏنلن مان آهين. چيائين جنهن گمراهہ ڪيو تو مونکي تہ مون بہ ضرور ويهندس انهن لاءِ تنهنجي

چيائين تہ اِنهيءَ سببان جو تو مون کي گمراهہ ڪيو (آءٌ تہ) ماڻهن لاءِ تنهنجيءَ سڌيءَ واٽ تي ضرور وِهندس.

الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١٦﴾ ثُمَّ لَاٰتِيَنَّهُمْ مِّنْۢ بَيْنِ اَيْدِيْهِمْ وَمِنْ خَلْفِهِمْ

سڌي رستي تي. پوءِ ضرور ايندس انهن وٽ انهن جي اڳيان ۽ انهن جي پٺيان

پوءِ سندن اڳيان ۽ سندن پوئتان ۽ سندن سڄي پاسي کان ۽ سندن کبي پاسي

وَعَنْ اَيْمَانِهِمْ وَعَنْ شَمَآئِلِهِمْ ؕ وَلَا تَجِدُ اَكْثَرَهُمْ شٰكِرِيْنَ ﴿١٧﴾

۽ انهن جي ساڄي کان ۽ انهن جي کاٻي کان، ۽ نہ لهندين تون گهڻا انهن مان شڪر گذار.

کان وٽن ايندس ۽ منجهانئن گهڻا شڪر ڪندڙ نہ لهندين.

قَالَ اخْرُجْ مِنْهَا مَذْءُوْمًا مَّدْحُوْرًا ؕ لَمَنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ لَاَمْلَئَنَّ

فرمايائين نڪر هتان بڇڙو ٿي تڙيل ٿي، جيڪو بہ تابع ٿيو تنهنجو انهن مان ضرور ڀريندس

(الله) فرمايو تہ تون آسمانن مان خوار (۽) تڙيل ٿي نڪري وڃ! انهن مان جيڪو تنهنجي تابعداري ڪندو (تنهن کي ۽ توکي

جَهَنَّمَ مِنْكُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٨﴾ وَيٰٓاٰدَمُ اسْكُنْ اَنْتَ وَزَوْجُكَ الْجَنَّةَ

دوزخ کي توهان سڀني مان ۽ اي آدم! رهہ تون ۽ تنهنجي زال جنت ۾

دوزخ ۾ وجهي) اوهان مڙني مان دوزخ ضرور ڀريندس. ۽ (چيوسون تہ) اي آدم! تون ۽ تنهنجي زال بهشت ۾

فَكُلَا مِنْ حَيْثُ شِئْتُمَا وَلَا تَقْرَبَا هٰذِهِ الشَّجَرَةَ فَتَكُوْنَا

پوءِ ٻئي کائو جتان چاهيو ۽ نہ ويجها ٿيو هن وڻ کي پوءِ ٿي پوندؤ

رهي رهو ۽ (جيڪي وڻيوَ سو) جتان وڻيو تتان کائو ۽ هِن وڻ کي ويجها نہ ويجهو نہ تہ

مِنَ الظّٰلِمِيْنَ ﴿١٩﴾ فَوَسْوَسَ لَهُمَا الشَّيْطٰنُ لِيُبْدِيَ لَهُمَا مَا

گنهگار. پوءِ خيال وڌو انهن کي شيطان جيئن کولي انهن لاءِ اها شيءِ

ظالمن مان ٿيندؤ. پوءِ شيطان انهن کي هن لاءِ وسوسو وڌو تہ سندن اڳهڙن مان جيڪي ڪائن ڍڪيل هو

وُرِيَ عَنْهُمَا مِنْ سَوْاٰتِهِمَا وَقَالَ مَا نَهٰكُمَا رَبُّكُمَا عَنْ هٰذِهِ
جا ڍڪيل هئي انهن کان يعني سندن اگهڙ ۽ چيائين نه روڪيو توهان کي توهان جي رب هن
سو انهن لاءِ ظاهر ڪري ۽ چيائين ته اوهان جي پالڻهار اوهان کي هن وڻ کان هن ڪارڻ نه جهليو
الشَّجَرَةِ اِلَّآ اَنْ تَكُوْنَا مَلَكَيْنِ اَوْ تَكُوْنَا مِنَ الْخٰلِدِيْنَ ﴿٢٠﴾ وَ
وڻ کان مگر هن لاءِ ته ٿيندؤ ملڪ يا ٿيندؤ هميشه هوندڙن مان. ۽
آهي ته متان اوهين ملائڪ ٿي پئو يا (ان ۾) سدائين رهڻ وارن مان ٿي پئو. ۽ ساڻن قسم کڻي
قَاسَمَهُمَآ اِنِّيْ لَكُمَا لَمِنَ النّٰصِحِيْنَ ﴿٢١﴾ فَدَلّٰىهُمَا بِغُرُوْرٍ فَلَمَّا
قسم کنيائين ٻنهي سان ته آءٌ توهان جو خير خواهه آهيان. پوءِ لاڙيائين انهن کي ڌوکي سان، پوءِ جڏهن
انهن کي چيائين ته آءٌ (ته) اوهان جو خير خواهه آهيان. پوءِ انهن کي ٺڳيءَ سان لاڙي وڌائين. پوءِ جنهن مهل
ذَاقَا الشَّجَرَةَ بَدَتْ لَهُمَا سَوْاٰتُهُمَا وَطَفِقَا يَخْصِفٰنِ عَلَيْهِمَا
چکيائون وڻ ته ظاهر ٿي انهن لاءِ سندن اگهڙ ۽ شروع ٿيا ويڙهڻ پاڻ تي
وڻ مان چکيائون (تنهن مهل) سندين اوگهڙ کين ظاهر ٿي پئي ۽ بهشت جي وڻ مان پن (هڪ ٻئي سان ڳنڍي)
مِنْ وَّرَقِ الْجَنَّةِ ؕ وَنَادٰىهُمَا رَبُّهُمَآ اَلَمْ اَنْهَكُمَا عَنْ تِلْكُمَا
پن بهشت جا. ۽ سڏيو انهن کي سندن رب ڇا نه روڪيو هيم توهان کي انهيءَ
پاڻ تي ويڙهڻ لڳا. ۽ سندن پالڻهار انهن کي سڏيو (۽ چيائين ته) اوهان کي هن وڻ کان نه جهليو هوم ڇا؟
الشَّجَرَةِ وَاَقُلْ لَّكُمَآ اِنَّ الشَّيْطٰنَ لَكُمَا عَدُوٌّ مُّبِيْنٌ ﴿٢٢﴾ قَالَا
وڻ کان ۽ نه چيو هيم توهان کي ته شيطان توهان جو دشمن پڌرو آهي. چيائون
۽ اوهان کي نه چيو هوم ڇا ته شيطان اوهان جو پڌرو ويري آهي؟. چيائون ته اي اسان جا پالڻهار! اسان پاڻ تي
رَبَّنَا ظَلَمْنَآ اَنْفُسَنَا سكتة وَاِنْ لَّمْ تَغْفِرْ لَنَا وَتَرْحَمْنَا لَنَكُوْنَنَّ مِنَ
اي رب اسان جا ظلم ڪيوسون پاڻ تي، ۽ جيڪڏهن نه بخشيندين اسان کي ۽ نه رحم ڪندين ته ضرور ٿينداسون
ظلم ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن (تون) اسان کي نه بخشيندين ۽ اسان تي ٻاجهه نه ڪندين ته ضرور خساري وارن مان ٿينداسون.
الْخٰسِرِيْنَ ﴿٢٣﴾ قَالَ اهْبِطُوْا بَعْضُكُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ ۚ وَلَكُمْ
نقصان وارا. فرمايائين لهي وڃو توهان هڪ ٻئي جا دشمن آهيو. ۽ توهان لاءِ
(الله) فرمايو ته هيٺ لهي وڃو اوهين پاڻ ۾ هڪ ٻئي جا ويري آهيو. ۽ اوهان لاءِ زمين ۾
فِي الْاَرْضِ مُسْتَقَرٌّ وَّمَتَاعٌ اِلٰى حِيْنٍ ﴿٢٤﴾ قَالَ فِيْهَا تَحْيَوْنَ وَ
ڌرتيءَ ۾ ٽڪاڻو آهي ۽ سامان ڪجهه وقت تائين. فرمايائين انهيءَ ۾ جيئندؤ ۽
رهڻ جو هنڌ ۽ (گذران جو) سامان (ڪنهن) وقت تائين (ٺهرايل) آهي. (الله) چيو ته اوهين منجهس حياتي

ع ١٥

فِيهَا تَمُوتُونَ وَمِنْهَا تُخْرَجُونَ ﴿٢٥﴾ يَٰبَنِيٓ ءَادَمَ قَدْ أَنزَلْنَا عَلَيْكُمْ

اتي ئي | مرندؤ | ۽ | انهيءَ مان | ئي اٿاريا ويندؤ. | اي اولادِ آدم! | اسان لاٿي | توهان تي

گذاريندؤ ۽ منجهس مرندؤ ۽ منجهانئس (جيئرا ٿي) نڪرندؤ. اي آدم جا اولاد! اوهان تي هڪ پوشاڪ بيشڪ لاٿي سون

لِبَاسًا يُوَٰرِي سَوْءَٰتِكُمْ وَرِيشًا ۖ وَلِبَاسُ ٱلتَّقْوَىٰ ذَٰلِكَ خَيْرٌ ۚ

پوشاڪ | ڍڪي ٿي | توهان جون اگهڙون | ۽ | لاٿوسون سينگار | ۽ | لباس | پرهيز جو | اهوئي | ڀلو آهي.

جا اوهان جي اگهڙن کي ڍڪيندي ۽ سينگار جا ڪپڙا، ۽ پرهيزگاري جي پوشاڪ اِها (سڀني کان) ڀلي آهي.

ذَٰلِكَ مِنْ ءَايَٰتِ ٱللَّهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُونَ ﴿٢٦﴾ يَٰبَنِيٓ ءَادَمَ لَا يَفْتِنَنَّكُمُ

اهي | الله جون نشانيون آهن | جئن اهي | سمجهن. | اي اولادِ آدم! | نہ گمراهہ ڪري توهان کي

اِها الله جي نشانين مان آهي مَنَ اُهي نصيحت وٺن. اي آدم جي اولاد! شيطان اوهان کي اهڙيءَ طرح فتني ۾ نہ وجهي

ٱلشَّيْطَٰنُ كَمَآ أَخْرَجَ أَبَوَيْكُم مِّنَ ٱلْجَنَّةِ يَنزِعُ عَنْهُمَا لِبَاسَهُمَا

شيطان | جئن | ڪڍيائين | توهان جي پيءُ ماءُ کي | جنت مان | لاٿائين | انهن جا | ڪپڙا

جهڙيءَ طرح اوهان جي ماءُ پيءُ کي بهشت مان ٻاهر ڪڍيائين جو سندين پوشاڪ کانئن هِن لاءِ ڇڪي لاٿائين ٿي

لِيُرِيَهُمَا سَوْءَٰتِهِمَآ ۗ إِنَّهُۥ يَرَىٰكُمْ هُوَ وَقَبِيلُهُۥ مِنْ حَيْثُ لَا تَرَوْنَهُمْ ۗ

جئن ڏيکاري انهن کي | اگهڙ هڪ ٻئي جي. | بيشڪ ڏسي ٿو توهان کي | اهو | ۽ | ان جي قوم | اتان ڪان جو | نہ | ٿا ڏسو توهان انهن کي.

تہ کين سندن اوگهڙ ڏيکاري. سچ آهي تہ اهو پاڻ ۽ سندس لشڪر جتان اوهين اُنهن کي ڏسي نہ سگهندا آهيو (تتان اُهي) اوهان کي ڏسندا آهن.

إِنَّا جَعَلْنَا ٱلشَّيَٰطِينَ أَوْلِيَآءَ لِلَّذِينَ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٢٧﴾ وَإِذَا فَعَلُوا۟

اسان ٿي ڪيو آهي | شيطانن کي | سنگتي | انهن جو جيڪي | ايمان نہ ٿا آڻين. | ۽ | جڏهن | ڪن ٿا

جيڪي نہ مڃيندا آهن تن جو اسان شيطانن کي دوست بڻايو آهي. ۽ (پڻ انهن جا دوست جي) جڏهن ڪو بي حيائي جو ڪم ڪن ٿا

فَٰحِشَةً قَالُوا۟ وَجَدْنَا عَلَيْهَآ ءَابَآءَنَا وَٱللَّهُ أَمَرَنَا بِهَا ۗ قُلْ إِنَّ

بي حيائي | چون ٿا | لڌوسون | ان تي | پنهنجن ابن ڏاڏن کي | ۽ | الله حڪم ڪيو آهي اسان کي ان جو. | چؤ | يقينن

(تڏهن) چون ٿا تہ اُن (وات) تي اسان پنهنجا ابا ڏاڏا (هلندا) ڏٺاسون ۽ الله اسان کي اُنهن (جي ڪرڻ) جو حڪم ڪيو آهي. (اي پيغمبر! کين) چؤ تہ

ٱللَّهَ لَا يَأْمُرُ بِٱلْفَحْشَآءِ ۖ أَتَقُولُونَ عَلَى ٱللَّهِ مَا لَا تَعْلَمُونَ ﴿٢٨﴾

الله | نہ ٿو حڪم ڪري | بڇڙي ڪم جو. | ڇا چئو ٿا توهان | الله تي | اهو جيڪي | نہ | ٿا ڄاڻو؟

بيشڪ الله بي حيائيءَ جي ڪمن جو حڪم نہ ڪندو آهي. اوهين الله تي اُهو (ڪوڙ) ڇو ٺونڊا آهيو جنهن جي (سند) اوهين نہ ڄاڻندا آهيو؟

قُلْ أَمَرَ رَبِّي بِٱلْقِسْطِ ۖ وَأَقِيمُوا۟ وُجُوهَكُمْ عِندَ كُلِّ مَسْجِدٍ

چؤ | حڪم ڪيو آهي منهنجي رب انصاف جو. | ۽ | سڌا ڪريو | پنهنجا منهن | هر نماز وقت

چؤ تہ منهنجي پالڻهار انصاف جو حڪم ڪيو آهي، ۽ (حڪم ڪيو اٿس تہ) پنهنجا منهن سڀ ڪنهن نماز مهل (الله ڏانهن) سڌا ڪريو

وَّادْعُوْهُ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۬ۚ كَمَا بَدَاَكُمْ تَعُوْدُوْنَ ﴿٢٩﴾ؕ
۽ پڪاريو انهيءَ کي خالص ڪندڙ ان جي ٻانهپ کي، جيئن پيدا ڪيائين توهان کي تيئن ٻيهر موٽندؤ.
۽ ان لاءِ سچا ديندار ٿي سندس عبادت ڪريو. جيئن پهريون اوهان کي پيدا ڪيائين تيئن (اوهين) موٽندؤ.
فَرِيْقًا هَدٰى وَفَرِيْقًا حَقَّ عَلَيْهِمُ الضَّلٰلَةُ ؕ اِنَّهُمُ اتَّخَذُوا
هڪ ٽولي کي هدايت ڪيائين ۽ ٻيو ٽولو ثابت ٿي انهن تي گمراهي، انهن بڻايو هو
هڪ ٽوليءَ کي هدايت ڪيائين ۽ ٻيءَ ٽوليءَ تي گمراهي لازم ٿي چڪي آهي، ڇو ته انهن الله
الشَّيٰطِيْنَ اَوْلِيَآءَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ وَيَحْسَبُوْنَ اَنَّهُمْ مُّهْتَدُوْنَ ﴿٣٠﴾
شيطان کي دوست الله کي ڇڏي ۽ ڀانئن ٿا ته اهي هدايت وارا آهن.
کان سواءِ شيطانن کي مددگار ڪري ورتو آهي ۽ ڀانئيندا آهن ته پاڻ هدايت وارا آهن.
يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ وَّكُلُوْا وَاشْرَبُوْا
اي اولادِ آدم! وٺو صاف لباس هر نماز وقت ۽ کائو ۽ پيئو
اي آدم جي اولاد! سڀ ڪنهن نماز مهل پنهنجي زينت (جي پوشاڪ) ڍڪيو ۽ کائو ۽ پيئو ۽ اجايو نه
وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُسْرِفِيْنَ ﴿٣١﴾ قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ
۽ اجايو خرچ نه ڪريو بيشڪ اهو نه ٿو پسند ڪري اجائي خرچ ڪندڙن کي. چؤ ڪنهن حرام ڪيو الله جي پوشاڪ کي
وڃايو. ڇو ته الله اجائي وڃائيندڙ کي دوست نه رکندو آهي. (اي پيغمبر!) چئو ته، الله جي (بڻايل) زينت جيڪا
الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ وَالطَّيِّبٰتِ مِنَ الرِّزْقِ ؕ قُلْ هِيَ لِلَّذِيْنَ
جا پيدا ڪيائين پنهنجن ٻانهن لاءِ ۽ سٺيون شيون کاڌي جون؟ چؤ اهي آهن ايمان وارن
پنهنجن ٻانهن لاءِ پيدا ڪئي اٿس ۽ روزيءَ مان سٺيون شيون ڪنهن حرام ڪيون آهن؟ چئو ته اهي (شيون)
اٰمَنُوْا فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا خَالِصَةً يَّوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ كَذٰلِكَ نُفَصِّلُ
جي لاءِ دنيا جي زندگي ۾ خصوصا آخرت ۾، اهڙي طرح بيان ڪيون ٿا
دنيا جي حياتيءَ ۾ (۽) خلاصيون، قيامت جي ڏينهن مومنن لاءِ آهن. اهڙيءَ طرح جا قوم ڄاڻندي آهي
الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّعْلَمُوْنَ ﴿٣٢﴾ قُلْ اِنَّمَا حَرَّمَ رَبِّيَ الْفَوَاحِشَ مَا
آيتن کي ان قوم لاءِ جيڪي سمجهن. چؤ رڳو حرام ڪيو منهنجي رب بي حيائي جي ڪمن کي جيڪي
تنهن لاءِ نشانيون بيان ڪندا آهيون. (اي پيغمبر!) چئو ته، منهنجي پالڻهار بي حيائيءَ جي ڪمن مان جيڪي ظاهر هجي ۽
ظَهَرَ مِنْهَا وَمَا بَطَنَ وَالْاِثْمَ وَالْبَغْيَ بِغَيْرِ الْحَقِّ وَاَنْ تُشْرِكُوْا
پڌرا هجن يا جيڪي لڪل ۽ گناهه کي ۽ سرڪشيءَ ۽ اجائي کي ۽ هن کي ته شريڪ ڪريو
جيڪي ڳجهو هجي ۽ (سڀ) گناهه ۽ ناحق حد کان لنگهڻ ۽ اهڙيءَ شيءِ کي اوهان جو الله سان شريڪ ڪرڻ

بِاللّٰهِ مَا لَمْ يُنَزِّلْ بِهٖ سُلْطٰنًا وَّاَنْ تَقُوْلُوْا عَلَى اللّٰهِ مَا

الله سان اهو جو نہ لاٿائين ان جو ڪو دليل ۽ هن ڪي تہ چئو الله تي اهو جو

جنهن بابت ڪا حجت نہ لاٿي اٿس ۽ جيڪي نہ ڄاڻندا آهيو سو الله تي جوڙ. اِهي ٿي حرام ڪيون آهن.

لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَلِكُلِّ اُمَّةٍ اَجَلٌ ۚ فَاِذَا جَآءَ اَجَلُهُمْ لَا يَسْتَاْخِرُوْنَ

نہ ٿا ڄاڻو. ۽ هر هڪ ٽولي لاءِ آهي وقت مقرر، پوءِ جڏهن ايندو سندن وقت نہ پوئتي ٿيندا

۽ هر ڪنهن امت جو هڪ وقت ٺهرايل آهي، پوءِ جڏهن سندن مدت پهچندي (تڏهن) هڪ گهڙي

سَاعَةً وَّلَا يَسْتَقْدِمُوْنَ ﴿٣٤﴾ يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ اِمَّا يَاْتِيَنَّكُمْ رُسُلٌ مِّنْكُمْ

گهڙي ۽ نہ اڳتي ٿيندا. اي اولادِ آدم! جيڪڏهن اچن توهان وٽ رسول توهان مان

نہ ڪي دير ڪندا ۽ نڪي اڳيرو ويندا. اي آدم جا اولادا جيڪڏهن اوهان وٽ اوهان مان پيغمبر اچن (جي) اوهان کي

يَقُصُّوْنَ عَلَيْكُمْ اٰيٰتِيْ ۙ فَمَنِ اتَّقٰى وَاَصْلَحَ فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ

اچي پڙهائن توهان کي منهنجون آيتون، پوءِ جيڪو ڊڄي ۽ چڱا ڪم ڪري تہ ناهي ڪو خوف انهن تي

منهنجيون آيتون پڙهي ٻڌائين تہ جيڪي ڊڄندا ۽ ڀاڻ سڌاريندا تن کي نہ ڪو ڀئو آهي ۽ نڪي اُهي

وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ ﴿٣٥﴾ وَالَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَآ

۽ نڪي اهي ڏکارا ٿيندا. ۽ جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ وڏائي ڪيائون انهن کان

غمگين ٿيندا. ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڀانيو ۽ انهن (جي قبولڻ) کان وڏائي ڪئي سي دوزخي آهن.

اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٣٦﴾ فَمَنْ اَظْلَمُ مِمَّنِ افْتَرٰى

اهي ئي آهن رهاڪو باهہ جا، اهي ئي ان ۾ هميشہ رهندا. پوءِ ڪير ڏاڍو ظالم آهي انهيءَ کان جو ٺاهي

اُهي اُن ۾ سدائين رهڻ وارا آهن. جنهن الله تي ڪوڙو ناهہ ناهيو يا سندس آيتن کي ڪوڙ ڀانيو تنهن کان وڌيڪ ظالم ڪير آهي؟

عَلَى اللّٰهِ كَذِبًا اَوْ كَذَّبَ بِاٰيٰتِهٖ ؕ اُولٰٓئِكَ يَنَالُهُمْ نَصِيْبُهُمْ

الله تي ڪوڙ يا ڪوڙو ڪري ان جي آيتن کي، اهي آهن جو پهچي ٿو انهن کي نصيب انهن جو

انهن کي (لوح محفوظ ۾) لکيل مان سندن حصو (سک ۽ ڏک جو) ملندو رهندو تان جو جنهن مهل

مِّنَ الْكِتٰبِ ؕ حَتّٰٓى اِذَا جَآءَتْهُمْ رُسُلُنَا يَتَوَفَّوْنَهُمْ ۙ قَالُوْٓا اَيْنَ مَا كُنْتُمْ

لکئي مان، ليٽ جڏهن ايندا انهن وٽ اسان جا قاصد ساهہ ڪيندا انهن جو چوندا ڪٿي آهن جن کي توهان

اسان جا قاصد (ملائڪ) سندن روح ڪڍڻ لاءِ ايندا (تڏهن ڪين) چوندا تہ اوهين الله کان سواءِ جن کي سڏيندا

تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ ؕ قَالُوْا ضَلُّوْا عَنَّا وَشَهِدُوْا

سڏيندا هئا الله کان سواءِ، چوندا گم ٿي ويا اسان کان ۽ شاهدي ڏيندا

هئو سي ڪٿي آهن؟ چوندا تہ اسان کان ڀلجي ويا ۽ پاڻ تي شاهدي ڏيندا تہ پاڻ ڪافر هئا.

عَلٰٓى اَنْفُسِهِمْ اَنَّهُمْ كَانُوْا كٰفِرِيْنَ ۝٣٧ قَالَ ادْخُلُوْا فِيْٓ اُمَمٍ قَدْ خَلَتْ

پاڻ تي | تہ اهي پاڻ | ڪافر هئا. | فرمائيندو | داخل ٿيو | انهن ٽولين سان | جيڪي هئا

(الله) چوندو تہ انهيءَ ٽوليءَ سان دوزخ ۾ گهڙو جيڪي اوهان کان اڳ جنن ۽ ماڻهن مان گذري ويا.

مِنْ قَبْلِكُمْ مِّنَ الْجِنِّ وَالْاِنْسِ فِي النَّارِ ۭ كُلَّمَا دَخَلَتْ اُمَّةٌ لَّعَنَتْ

توهان کان اڳ ۾ | جن | ۽ ماڻهو | باهہ ۾، | جڏهن بہ | داخل ٿيندي | ڪا ٽولي | لعنت ڪندي

جنهن مهل هڪ ٽولي پئي گهڙندي (تنهن مهل) پنهنجي سنگت تي لعنت پئي ڪندي، تان جو جنهن مهل

اُخْتَهَا ۭ حَتّٰٓى اِذَا ادَّارَكُوْا فِيْهَا جَمِيْعًا ۙ قَالَتْ اُخْرٰىهُمْ لِاُوْلٰىهُمْ رَبَّنَا

ڀيڻ ٽوليءَ تي، | نيٺ | جڏهن | لهي بيهندا | ان ۾ | سمورا | چوندا | پويان انهن جا | پنهنجن اڳين لاءِ | اي رب اسان جا

منجهس مڙئي گهڙندا (تنهن مهل) سندن پوئين ٽولي پنهنجي پهرينءَ ٽوليءَ لاءِ چوندي تہ اي اسان جا پالڻهار،

هٰٓؤُلَاۗءِ اَضَلُّوْنَا فَاٰتِهِمْ عَذَابًا ضِعْفًا مِّنَ النَّارِ ڛ قَالَ لِكُلٍّ

هنن | گمراهہ ڪيو هو اسان کي | پوءِ ڏج انهن کي | عذاب | ٻيڻو | باهہ جو، | فرمائيندو | سڀني لاءِ

هنن اسان کي گمراهہ ڪيو هو تنهن ڪري اِنهن کي باهہ جو ٻيڻو عذاب ڏي۔ (الله) چوندو تہ سڀ ڪنهن لاءِ ٻيڻو عذاب آهي

ضِعْفٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَعْلَمُوْنَ ۝٣٨ وَقَالَتْ اُوْلٰىهُمْ لِاُخْرٰىهُمْ فَمَا كَانَ

ٻيڻو عذاب آهي | پر | توهان نہ ٿا ڄاڻو. | ۽ چوندا | پهريان | پوين کي | تہ نہ | آهي

پر اوهين نہ ٿا ڄاڻو. ۽ منجهائنئن پهرين (ٽولي) اُنهن مان پوئين لاءِ چوندي تہ اسان تي اوهان جي

لَكُمْ عَلَيْنَا مِنْ فَضْلٍ فَذُوْقُوا الْعَذَابَ بِمَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ۝٣٩ ع ٤ ١١

توهان کي | اسان تي | ڪا ڀلائي | پوءِ چکو | عذاب | پنهنجي ڪئي جو.

ڪا وڏائي ڪانهي تنهن ڪري جيڪي ڪمايو هيوَ تنهن سببان عذاب (جو مزو) چکو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَاسْتَكْبَرُوْا عَنْهَا لَا تُفَتَّحُ لَهُمْ اَبْوَابُ

بيشڪ | جن | ڪوڙو ڪيو | اسان جي آيتن کي | ۽ آڪڙ ڪيائون | انهن کان تہ | نہ کوليا ويندا | انهن لاءِ | در

جن اسان جي حڪمن کي ڪوڙو ڀانيو ۽ کانئن وڏائي ڪئي تن لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا

السَّمَاۗءِ وَلَا يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ حَتّٰى يَلِجَ الْجَمَلُ فِيْ سَمِّ الْخِيَاطِ ۭ

آسمان جا | ۽ نہ | داخل ٿيندا | جنت ۾ | جيستائين گهڙي | اُٺ | پاڪي سئي جي ۾.

۽ نہ ڪي ايستائين بهشت ۾ گهڙندا جيستائين اٺ سُئيءَ جي پاڪي مان (نہ) لنگهي،

وَكَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُجْرِمِيْنَ ۝٤٠ لَهُمْ مِّنْ جَهَنَّمَ مِهَادٌ وَّمِنْ

۽ اهڙي طرح | بدلو ڏيندا آهيون | ڏوهارين کي. | انهن لاءِ | دوزخ ۾ | وڇاڻو آهي | ۽ مٿان

۽ اهڙيءَ طرح ڏوهارين کي سزا ڏيندا آهيون. انهن لاءِ (بہ) دوزخ جو هوندو ۽ سندن مٿان

فَوْقِهِمْ غَوَاشٍ ؕ وَكَذٰلِكَ نَجْزِى الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤١﴾ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا

انهن جي ڍڪ ڍڪڻ، ۽ اهڙي بدلو ڏينداسون ظالمن کي. ۽ جن ايمان آندو

پوش (به دوزخ جو) رهندو. ۽ اهڙي طرح ظالمن کي سزا ڏيندا آهيون. ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَا نُكَلِّفُ نَفْسًا اِلَّا وُسْعَهَآ ز اُولٰٓئِكَ

۽ عمل ڪيائون چڱا اسان تڪليف نه ڏيندا آهيون ڪنهن کي مگر سندس طاقت آهر. اهي ئي

۽ حالانڪ ڪنهن ماڻهوءَ کي سندس وس کان وڌيڪ تڪليف ڏيندا ئي نه آهيون، اهي بهشتي آهن.

اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ ۚ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَنَزَعْنَا مَا فِىْ صُدُوْرِهِمْ

بهشتي آهن، اهي ان ۾ هميشه رهندا. ۽ ڪيڍنداسون جيڪو انهن جي دلين ۾ آهي

اهي منجهس سدائين رهڻ وارا آهن. ۽ جيڪو غير سندن دلين ۾ هوندو سو ڪڍي ڇڏينداسون

مِّنْ غِلٍّ تَجْرِىْ مِنْ تَحْتِهِمُ الْاَنْهٰرُ ۚ وَقَالُوا الْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ

ناراضپو وهنديون انهن وٽ نهرون، ۽ چوندا الله جو شڪر جنهن

سندن (ماڙين جي) هيٺان واهيون پيون وهنديون. ۽ چوندا ته سڀ ساراه انهيءَ الله کي جڳائي جنهن اسان کي

هَدٰىنَا لِهٰذَا ۙ وَمَا كُنَّا لِنَهْتَدِىَ لَوْلَآ اَنْ هَدٰىنَا اللّٰهُ ۚ لَقَدْ جَآءَتْ

رستو ڏيکاريو اسان کي هن جو، ۽ نه هئاسون پهچڻ جهڙا جيڪڏهن نه هدايت ڪري ها اسان کي الله، بيشڪ آيا

هن (بهشت) ڏانهن رستو لاتو. جيڪڏهن الله اسان کي هدايت نه ڪري ها ته ڪڏهن اسين هدايت نه لهون ها! بيشڪ اسان وٽ اسان

رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ؕ وَنُوْدُوْٓا اَنْ تِلْكُمُ الْجَنَّةُ اُوْرِثْتُمُوْهَا بِمَا

رسول اسان جي رب جا سچ سان، ۽ آواز ايندو ته هي جنت اٿوَ جا ورثي ۾ ملي توهان کي هن ڪري

جي پالڻهار جا پيغمبر سچ وٺي آيا. ۽ سڏيو ويندن ته هي بهشت (اوهان کي ڏنو ويو) اُن جا انهيءَ سببان (اوهين) وارث آهيو جو

كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٤٣﴾ وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ اَصْحٰبَ النَّارِ اَنْ

جو توهان عمل ڪندا هئا. ۽ سڏيندا بهشتي دوزخ وارن کي ته

(چڱائي) ڪندا هُيو. ۽ بهشتي دوزخين کي سڏيندا ۽ (چوندا) ته اسان جي پالڻهار اسان سان جيڪو انجام ڪيو

قَدْ وَجَدْنَا مَا وَعَدَنَا رَبُّنَا حَقًّا فَهَلْ وَجَدْتُّمْ مَّا وَعَدَ رَبُّكُمْ

لڌو سون ان کي جيڪو انجام ڏنو اسان کي اسان جي رب سچو پوءِ ڇا؟ توهان لڌو ان کي جيڪي وعدو ڪيو توهان جي رب

سو بيشڪ سچو لڌوسون پوءِ اوهان جي پالڻهار اوهان سان جيڪو انجام ڪيو هو سو سچو نه لڌوَ ڇا؟

حَقًّا ؕ قَالُوْا نَعَمْ ۚ فَاَذَّنَ مُؤَذِّنٌۢ بَيْنَهُمْ اَنْ لَّعْنَةُ اللّٰهِ

سچو؟ چوندا هائو پوءِ پڙهو ڏيندو اعلان ڪندڙ انهن جي وچ ۾ ته لعنت آهي الله جي

چوندا ته هائوا پوءِ سڏيندڙ سندن وچ ۾ سڏيندو ته انهن ظالمن تي الله جي لعنت آهي.

الثلثة

عَلَى الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٤﴾ الَّذِيْنَ يَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَيَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ

ظالمن تي. جيڪي روڪيندا هئا الله جي راهه کان ۽ ڳوليندا هئا ان ۾ ڏنگائي.

جيڪي الله جي واٽ کان (ماڻهن کي) جهليندا رهيا ۽ اُن (واٽ) جي ڏنگائي ڳولهيندا رهيا.

وَهُمْ بِالْاٰخِرَةِ كٰفِرُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَبَيْنَهُمَا حِجَابٌ ۚ وَعَلَى الْاَعْرَافِ وقف لازم باتفاق

۽ اهي آخرت جا انڪاري هئا. ۽ انهن جي وچ ۾ پردو هوندو ۽ اعراف تي

۽ اهي آخرت کي نه مڃيندڙ هئا. ۽ سندن وچ ۾ پردو ڪيو ويندو ۽ اعراف ۾ اهڙا ماڻهو هوندا جو

رِجَالٌ يَّعْرِفُوْنَ كُلًّاۢ بِسِيْمٰىهُمْ ۚ وَنَادَوْا اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ اَنْ

ڪي ماڻهو هوندا جيڪي سڃاڻندا سيني کي سندن نشانين سان، ۽ سڏيندا جنت وارن کي ته

سڀ ڪنهن کي سندن پيشانين مان سڃاڻيندا، ۽ بهشتين کي سڏي السلام عليڪم چوندا.

سَلٰمٌ عَلَيْكُمْ ۣ لَمْ يَدْخُلُوْهَا وَهُمْ يَطْمَعُوْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا صُرِفَتْ

سلام آهي توهان تي، اهي اڃا اتي نه پهتا هوندا ۽ اهي اميدوار هوندا. ۽ جڏهن ڦيرايون وينديون

(اڃا) اُن ۾ (پاڻ) نه گهڙيا هوندا ۽ اُهي اُميدوار هوندا. ۽ جڏهن سندن اکيون دوزخين ڏانهن

اَبْصَارُهُمْ تِلْقَآءَ اَصْحٰبِ النَّارِ ۙ قَالُوْا رَبَّنَا لَا تَجْعَلْنَا مَعَ الْقَوْمِ

انهن جون نگاهون طرف دوزخ وارن جي، چوندا اي رب اسان جا نه ڪجانءِ اسان کي گڏ انهيءَ قوم

ڦيرايون وينديون (تڏهن) چوندا ته اي اسان جا پالڻهار! اسان کي ظالم ٽوليءَ سان نه ڪر

الظّٰلِمِيْنَ ﴿٤٧﴾ وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ الْاَعْرَافِ رِجَالًا يَّعْرِفُوْنَهُمْ بِسِيْمٰىهُمْ ع ٥

ظالم سان. ۽ سڏيندا اعراف وارا انهن ماڻهن کي جنکي سڃاڻندا سندن مهانڊن تي

۽ اعراف وارا جن ماڻهن کي سندن پيشانين مان سڃاڻندا تن کي سڏيندا. چوندا ته اوهان جيڪي گڏ

قَالُوْا مَآ اَغْنٰى عَنْكُمْ جَمْعُكُمْ وَمَا كُنْتُمْ تَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٤٨﴾ اَهٰٓؤُلَآءِ

چوندا ته نه ڪم آئي توهان کي توهان جي ميڙي ۽ جيڪا توهان وڏائي ڪندا هئا. ڇا هي اهي آهن

ڪيو هو سو ۽ جيڪا وڏائي ڪندا هيو تنهن اوهان کان ڪجهه به نه ٽاريو. هي اُهي (ماڻهو نه) آهن ڇا جن لاءِ

الَّذِيْنَ اَقْسَمْتُمْ لَا يَنَالُهُمُ اللّٰهُ بِرَحْمَةٍ ۭ اُدْخُلُوا الْجَنَّةَ لَا خَوْفٌ

جو توهان قسم کڻندا هئا ته نه پهچندي انهن کي الله جي مهرباني، هليا وڃو جنت ۾ ناهي ڪو ڊپ

اوهين (دنيا ۾) قسم کڻندا هيو ته الله مٿن ٻاجهه نه ڪندو (يعني بهشت ۾ نه گهيڙيندن؟) (انهن کي حڪم ٿيو آهي ته

عَلَيْكُمْ وَلَآ اَنْتُمْ تَحْزَنُوْنَ ﴿٤٩﴾ وَنَادٰٓى اَصْحٰبُ النَّارِ اَصْحٰبَ الْجَنَّةِ

توهان تي ۽ نه توهان ڏکارا ٿيندا. ۽ سڏيندا دوزخ وارا بهشت وارن کي

بهشت ۾ گهڙيو اوهان کي ڪو ڊپ نه آهي ۽ نڪي اوهين غمگين رهندؤ. ۽ دوزخي بهشتين کي سڏيندا

اَنْ اَفِيْضُوْا عَلَيْنَا مِنَ الْمَآءِ اَوْ مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ؕ قَالُوْٓا

ته پرتيو اسان تي ڪجهه پاڻي يا ڪجهه اهو جيڪو رزق ڏنو توهان کي الله، چوندا

(چوندا) ته ڪجهه پاڻي اسان تي پلٽيو يا الله اوهان کي جيڪي رزق ڏنو آهي تنهن مان (ڪجهه ڏيو)، چوندا ته

اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَهُمَا عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ۙ﴿۵۰﴾ الَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا دِيْنَهُمْ لَهْوًا

الله حرام ڪيا اهي ٻئي ڪافرن تي. انهن جن بڻايو پنهنجي دين کي تماشو

الله اهي ٻئي انهن ڪافرن تي حرام ڪيا آهن. جن پنهنجي دين کي تماشو ۽ راند ڪري ورتو ۽ انهن کي

وَّلَعِبًا وَّغَرَّتْهُمُ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَا ۚ فَالْيَوْمَ نَنْسٰىهُمْ كَمَا نَسُوْا لِقَآءَ

۽ راند ۽ ڌوڪو ڏنو انهن کي حياتي دنيا جي، پوءِ اڄ وساريون ٿا انهن کي جيئن وساريائون ملاقات

دنيا جي حياتيءَ ٺڳيو. پوءِ انهن کي اڄ ائين وساريوسون جيئن (اُنهن) پنهنجي هِن ڏينهن جي ملڻ کي وساريو هو ۽

يَوْمِهِمْ هٰذَا ۙ وَمَا كَانُوْا بِاٰيٰتِنَا يَجْحَدُوْنَ ﴿۵۱﴾ وَلَقَدْ جِئْنٰهُمْ

ڏينهن پنهنجي، هن جي ۽ جيئن جو اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. ۽ يقينن آندو سون انهن ڏانهن

(جيئن) اسان جي آيتن جو انڪار ڪندا هئا. ۽ بيشڪ انهن کي هڪ ڪتاب ڏنوسون

بِكِتٰبٍ فَصَّلْنٰهُ عَلٰى عِلْمٍ هُدًى وَّرَحْمَةً لِّقَوْمٍ يُّؤْمِنُوْنَ ﴿۵۲﴾

ڪتاب جنهن کي کولي بيان ڪيوسون علم سان هدايت ڪندڙ ۽ رحمت وارو انهن ماڻهن لاءِ جيڪي ايمان آڻين.

جنهن کي ڄاڻ سان کولي بيان ڪيوسون ۽ انهيءَ قوم لاءِ هدايت ۽ ٻاجهه آهي جي مڃيندا آهن.

هَلْ يَنْظُرُوْنَ اِلَّا تَاْوِيْلَهٗ ؕ يَوْمَ يَاْتِيْ تَاْوِيْلُهٗ يَقُوْلُ الَّذِيْنَ

نه ٿا انتظار ڪن مگر ان جي نتيجي جو، جنهن ڏينهن ايندو نتيجو ان جو چوندا اهي جن

(ڪافر) هن کان سواءِ انتظار نه ڪندا آهن ته اُن (جي وعدي) جي مراد اچي جنهن ڏينهن سندس مراد ايندي (تنهن ڏينهن) جن اُن کي

نَسُوْهُ مِنْ قَبْلُ قَدْ جَآءَتْ رُسُلُ رَبِّنَا بِالْحَقِّ ۚ فَهَلْ لَّنَا مِنْ

وساريو هئو ان کي اڳيئي بيشڪ آيا هئا رسول اسان جي رب جا سچ سان، جا پوءِ آهن اسان لاءِ ڪي

اڳي وساريو هو سي چوندا ته بيشڪ اسان جي پالڻهار جا پيغمبر سچ سان آيا، پوءِ (اڄ) اسان لاءِ ڪي سفارش ڪرڻ وارا (ڪين) آهن؟

شُفَعَآءَ فَيَشْفَعُوْا لَنَآ اَوْ نُرَدُّ فَنَعْمَلَ غَيْرَ الَّذِيْ كُنَّا نَعْمَلُ ؕ

وسيلا پوءِ واهر ڪن اسان جي يا موٽايا وڃون پوءِ ڪريون عمل نه اهي جي ڪندا هئاسون.

جو اسان لاءِ پارت ڪن يا ورِي موٽايا وڃون ته جيڪي (عمل) ڪياسون تن کان سوا ٻيا (چڱا) عمل ڪريون.

قَدْ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَضَلَّ عَنْهُمْ مَّا كَانُوْا يَفْتَرُوْنَ ﴿۵۳﴾ اِنَّ ع

بيشڪ تباهه ڪيائون پنهنجو پاڻ کي ۽ گم ٿيو انهن کان جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا. بيشڪ

بيشڪ پاڻ کي نقصان لاتائون ۽ جيڪو ٺاهه ٺاهيندا هئا سو کائن پلجي ويو.

رَبَّكُمُ اللّٰهُ الَّذِىْ خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ فِىْ سِتَّةِ اَيَّامٍ ثُمَّ

توهان جو رب الله آهي جنهن پيدا ڪيا آسمان ۽ زمين ڇهن ڏينهن ۾ پوءِ

اوهان جو پالڻهار اهو الله آهي جنهن آسمانن ۽ زمين کي ڇهن ڏينهن ۾ بڻايو وري عرش تي

اسْتَوٰى عَلَى الْعَرْشِ قف يُغْشِى الَّيْلَ النَّهَارَ يَطْلُبُهٗ حَثِيْثًا لا

عڪس وڌائين عرش تي، ڍڪائي ٿو رات کي ڏينهن سان اهو طلبي ٿو ان کي تڪڙو

متوجہ ٿيو، رات سان ڏينهن کي ڍڪيندو آهي (وري ڏينهن) اُن (جي ڪيڏ) جلد ايندو آهي

وَّالشَّمْسَ وَالْقَمَرَ وَالنُّجُوْمَ مُسَخَّرٰتٍۭ بِاَمْرِهٖ ط اَلَا لَهُ الْخَلْقُ وَ

۽ پيدا ڪيائين سج ۽ چنڊ ۽ تارن کي تابعدار ڪري پنهنجي حڪم جو، خبردار ان جي ئي خالقيت آهي ۽

۽ سج ۽ چنڊ ۽ تارا سندس حڪم سان نوايل آهن. خبردار! پيدا ڪرڻ ۽ حڪم ڪرڻ اُن جو (ڪم) آهي

الْاَمْرُ ط تَبٰرَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٥٤﴾ اُدْعُوْا رَبَّكُمْ تَضَرُّعًا وَّ

بادشاهت، برڪت وارو آهي الله پالڻهار جهانن جو. پڪاريو پنهنجي رب کي زاري ڪري ۽

جهانن جو پالڻهار الله وڏي برڪت وارو آهي. پنهنجي پالڻهار کي زاري ڪندڙ ۽ ڳجهيءَ طرح سڏيو.

خُفْيَةً ط اِنَّهٗ لَا يُحِبُّ الْمُعْتَدِيْنَ ﴿٥٥﴾ وَلَا تُفْسِدُوْا فِى الْاَرْضِ

ڳجهي طرح، بيشڪ اهو نه ٿو پسند ڪري حد کان لنگهندڙن کي. ۽ نه وڳوڙ ڪريو ڌرتي ۾

ڇو ته اهو حد کان لنگهندڙن کي دوست نه رکندو آهي. ۽ اوهين ملڪ ۾ اُن جي سڌاري کان پوءِ فساد نه وجهو

بَعْدَ اِصْلَاحِهَا وَادْعُوْهُ خَوْفًا وَّطَمَعًا ط اِنَّ رَحْمَتَ اللّٰهِ

ان جي سڌاري کان پوءِ ۽ سڏيو ان کي ڊڄندي ۽ اميدوار ٿي، بيشڪ رحمت الله جي

۽ اُن (الله) کي پوائتا ۽ آسائتا ٿي سڏيو! ڇو ته الله جي ٻاجهه ڀلارن کي ويجهي آهي.

قَرِيْبٌ مِّنَ الْمُحْسِنِيْنَ ﴿٥٦﴾ وَهُوَ الَّذِىْ يُرْسِلُ الرِّيٰحَ بُشْرًاۢ

ويجهڙي آهي چڱائي ڪندڙن کي. ۽ هو اهوئي آهي جيڪو موڪلي ٿو هوائون خوشخبري ڏيندڙ

۽ اهو (الله) آهي جو وائن کي پنهنجي رحمت (واريءَ برسات) جي اڳيان خوشخبري ڏيندڙ ڪري ڳهلائيندو آهي.

بَيْنَ يَدَىْ رَحْمَتِهٖ ط حَتّٰٓى اِذَآ اَقَلَّتْ سَحَابًا ثِقَالًا سُقْنٰهُ

اڳي پنهنجي رحمت کان، نيٺ جڏهن کڻن ٿيون اهي ڪڪر ڳري کي ته هڪليندا آهيون ان کي

تان جو جنهن مهل (اهي) ڳرن ڪڪرن کي کڻن ٿيون ته اُنهن کي ڪنهن غيرآباد ديهه ڏانهن روانو

لِبَلَدٍ مَّيِّتٍ فَاَنْزَلْنَا بِهِ الْمَآءَ فَاَخْرَجْنَا بِهٖ مِنْ كُلِّ الثَّمَرٰتِ ط

علائقي غيرآباد ڏانهن پوءِ وسائيندا آهيون ان سان پاڻي پوءِ ڪيندا آهيون انهيءَ سان هر قسم جا ميوا.

ڪريون ٿا پوءِ اُنهن (ڪڪرن) مان پاڻي وسايون ٿا پوءِ اُن سان هر جنس جا ميوا ڄمايون ٿا.

كَذٰلِكَ نُخْرِجُ الْمَوْتٰى لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ﴿٥٧﴾ وَالْبَلَدُ الطَّيِّبُ يَخْرُجُ

اهڙي طرح اٿاريندا سون مئلن کي من توهان غور ڪريو. ۽ علائقو پاڪ نڪرندا آهن

اهڙيءَ طرح اسين مئلن کي (قبرن مان) ٻاهر ڪڍنداسون ته من اوهين نصيحت وٺو. ۽ (جا) سٺي زمين (آهي

نَبَاتُهٗ بِاِذْنِ رَبِّهٖ ۚ وَالَّذِيْ خَبُثَ لَا يَخْرُجُ اِلَّا نَكِدًا ؕ كَذٰلِكَ

سلان جا ان جي رب جي حڪم سان، ۽ جيڪو خراب آهي نه نڪرندا مگر ٿانگ ٿونگ. اهڙي طرح

تنهن) جا سلا سندس پالڻهار جي حڪم سان ڄمندا آهن. ۽ جيڪا اوڇي آهي (تنهن جا سلا) خراب سلن کان سواءِ ٻيا نه ڄمندا آهن. اهڙيءَ طرح

ع ۱۴

نُصَرِّفُ الْاٰيٰتِ لِقَوْمٍ يَّشْكُرُوْنَ ﴿٥٨﴾ لَقَدْ اَرْسَلْنَا نُوْحًا اِلٰى قَوْمِهٖ

ڦيرايون ٿا آيتون قوم شڪرگزار لاءِ. بيشڪ موڪليو سون نوح کي سندس قوم ڏانهن

جيڪا قوم شڪرانو ڪندڙ آهي تنهن لاءِ نشانيون طرحين طرحين بيان ڪندا آهيون. بيشڪ نوح کي سندس قوم ڏانهن پيغمبر ڪري موڪليوسون.

فَقَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ اِنِّيْٓ اَخَافُ

پوءِ چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ڪو مالڪ انهيءَ کان سواءِ. آءٌ ڊڄان ٿو

پوءِ چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان (الله) کان سواءِ ڪو اوهان جو خدا نه آهي. آءٌ اوهان تي

عَلَيْكُمْ عَذَابَ يَوْمٍ عَظِيْمٍ ﴿٥٩﴾ قَالَ الْمَلَاُ مِنْ قَوْمِهٖٓ اِنَّا لَنَرٰىكَ

توهان تي عذاب وڏي ڏينهن جي کان. چيو سردارن سندس قوم مان اسان ڏسون ٿا توکي

وڏي ڏينهن جي عذاب (اچڻ) کان ڊڄان ٿو. سندس قوم جي سردارن چيو ته، اسين توکي پڌري گمراهيءَ

فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٦٠﴾ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ بِيْ ضَلٰلَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ

گمراهيءَ پڌريءَ ۾. چيائين اي منهنجي قوم ناهي مون ۾ گمراهي پر آءٌ رسول آهيان

۾ (پيل) ڏسون ٿا. چيائين ته، اي منهنجي قوم! مون کي ڪا گمراهي ڪانهي پر آءٌ جهانن جي پالڻهار جو

مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٦١﴾ اُبَلِّغُكُمْ رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنْصَحُ لَكُمْ وَ

رب العالمين جو. پهچايان ٿو توهان کي نياپا پنهنجي رب جا ۽ نصيحت ڪريان ٿو توهان کي ۽

پيغمبر آهيان. اوهان کي پنهنجي پالڻهار جو پيغام پهچائيندو آهيان ۽ اوهان کي نصيحت ڪندو آهيان ۽ الله (جي پار) کان

اَعْلَمُ مِنَ اللّٰهِ مَا لَا تَعْلَمُوْنَ ﴿٦٢﴾ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ ذِكْرٌ

ڄاڻان ٿو الله جي طرفان اهو جيڪي توهان نه ٿا ڄاڻو. ڇا توهان عجب ٿا ڪريو جو آيو توهان وٽ بيان

اهو ڄاڻندو آهيان جيڪي اوهين نه ڄاڻندا آهيو. اوهان کي (هن ڳالهه جو) عجب لڳو ڇا؟ ته اوهان جي پالڻهار کان هڪ سمجهاڻي

مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ وَلِتَتَّقُوْا وَلَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٦٣﴾

توهان جي رب کان توهان جي هڪ مرد جي زبان تي جئن اهو ڊيڄاري توهان کي ۽ جئن ته بچي وڃو ۽ جئن ته توهان تي رحم ٿئي.

اوهان مان هڪ مڙس جي هٿان اوهان وٽ هن لاءِ آئي ته اوهان کي ڊيڄاري ۽ ته اوهين پرهيزگار ٿيو ۽ ته اوهان تي ٻاجهه ڪئي وڃي؟

فَكَذَّبُوْهُ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ مَعَهٗ فِي الْفُلْكِ وَاَغْرَقْنَا الَّذِيْنَ

پوءِ ڪوڙو ڪيائونس پوءِ آجو ڪيوسون ان کي ۽ جيڪي ، ساڻس هئا ٻيڙي ۾ ۽ ٻوڙيا اسان اهي جن

پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون پوءِ ان کي ۽ جيڪي ساڻس هئا تن کي ٻيڙيءَ ۾ بچايوسون ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو

كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا ؕ اِنَّهُمْ كَانُوْا قَوْمًا عَمِيْنَ ٦٤ ع وَاِلٰى عَادٍ اَخَاهُمْ ع ١٥

ڪوڙيون ڪيون اسان جون آيتون، بيشڪ اهي هئا ماڻهو انڌا. ۽ عاد ڏانهن انهن جي ڀاءُ

تن کي ٻوڙيوسون. ڇو ته اُها انڌي قوم هئي. ۽ عاد (قوم) ڏانهن سندن ڀاءُ هود (پيغمبر ڪري موڪليوسون).

هُوْدًا ؕ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ؕ

هود کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان لاءِ ٻيو مالڪ انهيءَ کان سواءِ.

چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو ان (الله) کان سواءِ ڪو ٻيو اوهان جو خدا نه آهي،

اَفَلَا تَتَّقُوْنَ ٦٥ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ قَوْمِهٖۤ اِنَّا لَنَرٰىكَ

ڇا پوءِ نه ٿا ڊڄو. چيو سردارن جن ڪفر ڪيو هئو سندس قوم مان اسان ڏسون ٿا توکي

پوءِ ڇو نه ڊڄندا آهيو؟ سندن قوم مان ڪافرن سردارن چيو ته اسين بلاشڪ توکي بيوقوفيءَ ۾ ڏسندا آهيون

فِيْ سَفَاهَةٍ وَّاِنَّا لَنَظُنُّكَ مِنَ الْكٰذِبِيْنَ ٦٦ قَالَ يٰقَوْمِ لَيْسَ

بي عقلي ۾ ۽ بنا شڪ ڀانيون ٿا توکي ڪوڙ هڻندڙن مان. چيائين اي منهنجي قوم ناهي

۽ اسين بلاشڪ توکي ڪوڙن مان ڀائيندا آهيون. چيائين ته اي منهنجي قوم! مون کي ڪا به بيوقوفي ڪانهي

بِيْ سَفَاهَةٌ وَّلٰكِنِّيْ رَسُوْلٌ مِّنْ رَّبِّ الْعٰلَمِيْنَ ٦٧ اُبَلِّغُكُمْ

مون کي بي عقلي پر مان رسول آهيان رب العالمين جو. پهچايان ٿو توهان کي

پر آءٌ جهانن جي پالڻهار جو موڪليل آهيان. اوهان کي پنهنجي پالڻهار جو پيغام پهچايان ٿو ۽ آءٌ اوهان لاءِ

رِسٰلٰتِ رَبِّيْ وَاَنَا لَكُمْ نَاصِحٌ اَمِيْنٌ ٦٨ اَوَعَجِبْتُمْ اَنْ جَآءَكُمْ

پيغام پنهنجي رب جا ۽ آءٌ توهان لاءِ خير خواه آهيان امانت وارو. ڇا توهان کي عجب ٿو لڳي جو آيو توهان ڏانهن

امين، نصيحت ڪندڙ آهيان. (هن ڳالهه جو) عجب لڳوَ ڇا جو اوهان جي پالڻهار کان اوهان مان هڪ مڙس جي هٿان

ذِكْرٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ عَلٰى رَجُلٍ مِّنْكُمْ لِيُنْذِرَكُمْ ؕ وَاذْكُرُوْۤا

بيان توهان جي رب کان هڪ ماڻهوءَ توهان جي تي جيئن اهو ڊيڄاري توهان کي، ۽ ياد ڪريو

سمجهاڻي هن لاءِ اوهان وٽ آئي ته اوهان کي ڊيڄاري؟ ۽ (اوهين اهو وقت به) ياد ڪريو جڏهن اوهان کي

اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ مِنْۢ بَعْدِ قَوْمِ نُوْحٍ وَّزَادَكُمْ فِي الْخَلْقِ

جڏهن ڪيائين توهان کي نائب نوح جي قوم کان بعد ۽ وڌايائين توهان کي بدن جي

نوح جي قوم کان پوءِ (سندن) پيڙهيءَ تي رهارايائين ۽ اوهان کي جسماني طاقت ۾ وڌايائين،

بَصْۜطَةً ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَاۤءَ اللّٰهِ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿٦٩﴾ قَالُوْٓا

صحت ۾ پوءِ ياد ڪريو مهربانيون الله جون تہ توهان جو ڀلو ٿئي. چيائون

تنهن ڪري الله جون نعمتون ياد ڪريو تہ مَن اوهين ڇٽو. چيائون تہ (تون) هن لاءِ

اَجِئْتَنَا لِنَعْبُدَ اللّٰهَ وَحْدَهٗ وَنَذَرَ مَا كَانَ يَعْبُدُ اٰبَآؤُنَا ۚ

ڇا تون آيو آهين اسان وٽ تہ عبادت ڪريون الله هڪڙي جي ۽ ڇڏي ڏيون جن کي پوڄيندا هئا اسان جا ابا ڏاڏا

اسان وٽ آيو آهين ڇا تہ رڳو هڪ الله جي عبادت ڪريون ۽ اسان جا ابا ڏاڏا جن کي پوڄيندا هئا سي ڇڏي ڏيون؟

فَاْتِنَا بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الصّٰدِقِيْنَ ﴿٧٠﴾ قَالَ قَدْ وَقَعَ

پوءِ تون آڻ اهو جنهن سان ڏيڄارين ٿو اسان کي جي آهين تون سچن مان. چيائين پئجي ويو

جيڪڏهن تون سچو آهين تہ جنهن (عذاب) کان اسان کي ڏيڄارين ٿو سو آڻ! چيائين تہ بيشڪ اوهان تي اوهان جي

عَلَيْكُمْ مِّنْ رَّبِّكُمْ رِجْسٌ وَّغَضَبٌ ۗ اَتُجَادِلُوْنَنِيْ فِيْٓ اَسْمَآءٍ

توهان تي توهان جي رب جو عذاب ۽ غضب، ڇا توهان مون سان جهڳڙو ٿا ڪيو انهن نالن ۾

پالڻهار وٽان عذاب ۽ ڏمر لازم ٿي چڪو آهي، اوهين مون ساڻ رڳو (انهن) نالن ۾ ڇو جهيڙو ڪندا آهيو

سَمَّيْتُمُوْهَآ اَنْتُمْ وَاٰبَآؤُكُمْ مَّا نَزَّلَ اللّٰهُ بِهَا مِنْ سُلْطٰنٍ ۗ

جيڪي پاڻ رکيا اٿو توهان ۽ توهان جي ابن ڏاڏن نہ لاٿو آهي الله انهن جو ڪوئي ثبوت.

جن تي اوهان ۽ اوهان جي ابن ڏاڏن ڇڙو نالو رکيو آهي جن (جي معبوديت) بابت الله ڪو دليل نہ لاٿو آهي؟

فَانْتَظِرُوْٓا اِنِّيْ مَعَكُمْ مِّنَ الْمُنْتَظِرِيْنَ ﴿٧١﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَالَّذِيْنَ

پوءِ انتظار ڪريو آءٌ بہ توهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. پوءِ آجو ڪيو سون ان کي ۽ جيڪي

پوءِ انتظار ڪريو بيشڪ آءٌ (بہ) اوهان سان گڏ انتظار ڪندڙ آهيان. پوءِ اُن کي ۽ جيڪي ساڻس هئا تن کي

مَعَهٗ بِرَحْمَةٍ مِّنَّا وَقَطَعْنَا دَابِرَ الَّذِيْنَ كَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَا وَمَا كَانُوْا

انهيءَ سان گڏ هئا پنهنجي رحم سان ۽ ڪاٽي سون پاڙ انهن جي جن ڪوڙو ڪيو اسان جي آيتن کي ۽ نہ هئا

پنهنجي ٻاجھ سان بچايوسون ۽ جن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڄاتو تن جي پاڙ پٽي ڇڏي سون، ۽ اُهي مؤمن نہ هئا.

ع ٩ ١٦ وقف لازم مُؤْمِنِيْنَ ﴿٧٢﴾ ۧ وَاِلٰى ثَمُوْدَ اَخَاهُمْ صٰلِحًا ۘ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ

مڃيندڙ. ۽ قوم ثمود ڏانهن موڪليوسون انهن جي ڀاءُ صالح کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي،

۽ ثمودين ڏانهن سندن ڀاءُ صالح کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون)، چيائين تہ اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو

مَا لَكُمْ مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۗ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ ۗ هٰذِهٖ

ناهي توهان لاءِ ڪو مالڪ انهيءَ کان سواءِ، پهتو آهي توهان وٽ دليل توهان جي رب جو، هيءَ

اوهان جو الله کان سواءِ ٻيو ڪو خدا نہ آهي، بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان هڪ معجزو آيو آهي، هيءَ

نَاقَةُ اللّٰهِ لَكُمْ اٰيَةً فَذَرُوْهَا تَاْكُلْ فِيْٓ اَرْضِ اللّٰهِ وَلَا تَمَسُّوْهَا

ڏاچي اللہ جي توهان لاءِ نشاني آهي پوءِ ڇڏيوس چرندي رهي اللہ جي زمين ۾ ۽ نہ هٿ لائجوس

اللہ جي ڏاچي اوهان لاءِ نشاني آهي تنهن ڪري اُنهيءَ کي ڇڏي ڏيو تہ اللہ جي زمين ۾ چرندي رهي ۽ اُن کي ڪو ايذاءُ نہ پهچائجو

بِسُوْٓءٍ فَيَاْخُذَكُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ ﴿٧٣﴾ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ جَعَلَكُمْ خُلَفَآءَ

برائي سان پوءِ وٺندو توهان کي عذاب دردناڪ. ۽ ياد ڪريو جڏهن ڪيائين توهان کي نائب

نہ تہ اوهان کي ڏکوئيندڙ عذاب وٺندو. ۽ جڏهن اوهان کي عادين کان پوءِ پيڙهيءَ تي وهاريائين (سو احسان بہ) ياد ڪريو

مِنْۢ بَعْدِ عَادٍ وَّبَوَّاَكُمْ فِي الْاَرْضِ تَتَّخِذُوْنَ مِنْ سُهُوْلِهَا

عاد کان پوءِ ۽ رهايائين توهان کي ملڪ ۾ جو ٺاهيو پيا ان جي ميدانن تي

۽ اوهان کي ملڪ ۾ جاءِ ڏنائين ۽ ان جي پٽن تي ماڙيون ٺاهيندا آهيو ۽ ٽڪرن کي ٽڪي

قُصُوْرًا وَّتَنْحِتُوْنَ الْجِبَالَ بُيُوْتًا ۚ فَاذْكُرُوْٓا اٰلَآءَ اللّٰهِ وَلَا تَعْثَوْا

ماڙيون . ۽ ٽڪيو پيا جبل گهرن لاءِ، پوءِ ياد ڪريو مهربانيون اللہ جون ۽ نہ مچايو

گهر ٺاهيندا آهيو. تنهن ڪري اللہ جون نعمتون ياد ڪريو ۽ (اوهين) ملڪ ۾ فسادي ٿي

فِي الْاَرْضِ مُفْسِدِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ الْمَلَاُ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْا مِنْ

ملڪ ۾ فساد. چيو سردارن جن تڪبر ڪيو سندس

بگيڙ نہ وجهو. سندس قوم مان وڏائي ڪندڙن سردارن اُنهن کي چيو جن منجهانئن هيٺن

قَوْمِهٖ لِلَّذِيْنَ اسْتُضْعِفُوْا لِمَنْ اٰمَنَ مِنْهُمْ اَتَعْلَمُوْنَ

قوم مان انهن غريب ماڻهن کي جن ايمان آندو هو انهن مان ڇا توهان ڄاڻو ٿا

(ماڻهن) ايمان آندو هو تہ اوهين ڄاڻندا آهيو ڇا تہ صالح پنهنجي پالڻهار (جي طرف) کان موڪليل آهي؟

اَنَّ صٰلِحًا مُّرْسَلٌ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ قَالُوْٓا اِنَّا بِمَآ اُرْسِلَ بِهٖ مُؤْمِنُوْنَ ﴿٧٥﴾

تہ صالح موڪليل آهي پنهنجي رب کان؟ چيائون بيشڪ اسان ان تي جنهن سان موڪليو ويو يقين ڪندڙ آهيون.

انهن چيو تہ، جنهن (شريعت) سان ان کي موڪليو ويو آهي تنهن تي اسين ايمان آڻيندڙ آهيون.

قَالَ الَّذِيْنَ اسْتَكْبَرُوْٓا اِنَّا بِالَّذِيْٓ اٰمَنْتُمْ بِهٖ كٰفِرُوْنَ ﴿٧٦﴾

چيو انهن مغرورن اسان ان جو جيڪي مڃيو ٿا انڪار ڪندڙ آهيون.

وڏائي ڪندڙن چيو تہ، جنهن تي اوهان ايمان آندو آهي تنهن جا اسين منڪر آهيون.

فَعَقَرُوا النَّاقَةَ وَعَتَوْا عَنْ اَمْرِ رَبِّهِمْ وَقَالُوْا يٰصٰلِحُ ائْتِنَا

پوءِ پير وڍيائون ڏاچي جا ۽ ڦري ويا حڪم پنهنجي رب جي کان ۽ چيائون اي صالح! آڻ اسان تي

پوءِ ڏاچيءَ کي، کُچون ڪپي منڊو ڪيائون ۽ پنهنجي پالڻهار جي حڪم کان بي فرمان ٿيا ۽ (چٽر ڪري) چيائون تہ، اي صالح! جيڪڏهن

بِمَا تَعِدُنَآ اِنْ كُنْتَ مِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿٧٧﴾ فَاَخَذَتْهُمُ الرَّجْفَةُ

اهو جنهن سان ڊيڄارين ٿو جيڪڏهن آهين رسولن مان. پوءِ ورتو انهن کي ڌوڏي

پيغمبرن مان آهين ته جنهن (عذاب) جو اسان سان انجام ڪيو اٿيئي سو اسان تي آڻ؟. پوءِ زلزلي (جي عذاب) ورتن

فَاَصْبَحُوْا فِيْ دَارِهِمْ جٰثِمِيْنَ ﴿٧٨﴾ فَتَوَلّٰى عَنْهُمْ وَقَالَ يٰقَوْمِ

پوءِ صبح جو پيا هئا پنهنجن گهرن ۾ اونڌا گوڏن ڀر. پوءِ موٽيو انهن کان ۽ چيائين اي منهنجي قوم!

پوءِ پنهنجن گهرن ۾ ڪرندڙا ٿي (مري) ويا. پوءِ (صالح) ڪانئن منهن موڙيو ۽ چيائين ته اي منهنجي قوم!

لَقَدْ اَبْلَغْتُكُمْ رِسَالَةَ رَبِّيْ وَنَصَحْتُ لَكُمْ وَلٰكِنْ لَّا تُحِبُّوْنَ

مون پهچايو توهان کي پيغام پنهنجي رب جو ۽ گهڻوئي گهريم اوهان لاءِ پر اوهين نه پيا چاهيو

بيشڪ اوهان کي پنهنجي پالڻهار جو پيغام پهچايم ۽ اوهان کي نصيحت ڪيم پر اوهين نصيحت ڪندڙن کي دوست نه رکندا آهيو.

النّٰصِحِيْنَ ﴿٧٩﴾ وَلُوْطًا اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ اَتَاْتُوْنَ الْفَاحِشَةَ مَا سَبَقَكُمْ

گهڻگهرن کي. ۽ لوط کي جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي ڇا ڪيو ٿا توهان بڇڙائي جا نه ڪئي اڳي توهان کان

۽ لوط کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون) جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين ته اوهين اهڙي بي حيائي ڇو ڪندا آهيو

بِهَا مِنْ اَحَدٍ مِّنَ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِنَّكُمْ لَتَاْتُوْنَ الرِّجَالَ شَهْوَةً

اها ڪنهن به جهان وارن مان. توهان اچو ٿا نرن تي شهوت سان

جا اوهان کان اڳ ساري جهان (جي ماڻهن) مان ڪنهن هڪ به نه ڪئي آهي؟. جو اوهين عورتن کي ڇڏي نرن ڏانهن شهوت سان

مِّنْ دُوْنِ النِّسَآءِ ؕ بَلْ اَنْتُمْ قَوْمٌ مُّسْرِفُوْنَ ﴿٨١﴾ وَمَا كَانَ جَوَابَ

زالون ڇڏي، پر توهان ماڻهو واهيات آهيو. ۽ نه هئو جواب

ويندا آهيو. بلڪ اوهين حد کان لنگهندڙ قوم آهيو. ۽ سندن قوم جي ورندي هن چوڻ کان سواءِ نه هئي

قَوْمِهٖٓ اِلَّآ اَنْ قَالُوْٓا اَخْرِجُوْهُمْ مِّنْ قَرْيَتِكُمْ ۚ اِنَّهُمْ اُنَاسٌ

سندس قوم جو مگر هي جو چيائون ته تڙي ڪڍو انهن کي پنهنجي ڳوٺ مان، اهي ماڻهو

ته انهن کي (لوط سميت) پنهنجن ڳوٺن مان لوڌي ڇڏيو، ڇو ته اهي ماڻهو پاڪ ٻڌبا آهن.

يَّتَطَهَّرُوْنَ ﴿٨٢﴾ فَاَنْجَيْنٰهُ وَاَهْلَهٗٓ اِلَّا امْرَاَتَهٗ ۖؗ كَانَتْ مِنَ الْغٰبِرِيْنَ ﴿٨٣﴾

پاڻ کي پاڪ ٿا رکن. پوءِ بچايوسين ان کي ۽ سندس عيال کي مگر سندس زال، اها رهجي وئي پوئتي رهندڙن ۾.

پوءِ اسان لوط کي ۽ سندس گهروارن کي، سندس زال کان سواءِ، بچايوسون (اها) رهيلن مان هئي.

ع وَاَمْطَرْنَا عَلَيْهِمْ مَّطَرًا ؕ فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿٨٤﴾

۽ وسايوسون انهن تي مينهن پٿرن جو. پوءِ ڏس ته ڪيئن ٿيو انجام ڏوهارين جو.

۽ مٿن (پٿرن جو) مينهن وسايوسون. پوءِ (اي پيغمبر) ڏس ته ڏوهارين جي پڇاڙي ڪهڙي (خراب) ٿي!.

وَاِلٰى مَدْيَنَ اَخَاهُمْ شُعَيْبًا ۗ قَالَ يٰقَوْمِ اعْبُدُوا اللّٰهَ مَا لَكُمْ

۽ موڪليوسون مدين ڏانهن انهن جي ڀاءُ شعيب کي، چيائين اي منهنجي قوم عبادت ڪريو الله جي ناهي توهان جو

۽ مدين (وارن) ڏانهن سندن ڀاءُ شعيب کي (پيغمبر ڪري موڪليوسون)، چيائين ته اي منهنجي قوم! الله جي عبادت ڪريو اوهان جو

مِّنْ اِلٰهٍ غَيْرُهٗ ۗ قَدْ جَآءَتْكُمْ بَيِّنَةٌ مِّنْ رَّبِّكُمْ فَاَوْفُوا الْكَيْلَ

ڪو مالڪ انهيءَ کان سواءِ، بيشڪ آيو توهان وٽ چٽو حڪم توهان جي رب ڪان پوءِ پورو ڪريو ماپ

الله کان سواءِ ٻيو ڪو خدا ڪونهي، بيشڪ اوهان وٽ اوهان جي پالڻهار کان (چٽيون) نشانيون آيون آهن تنهن ڪري

وَالْمِيْزَانَ وَلَا تَبْخَسُوا النَّاسَ اَشْيَآءَهُمْ وَلَا تُفْسِدُوْا فِي الْاَرْضِ

۽ تور کي ۽ نه گهٽائي ڏيو ماڻهن کي . انهن جون شيون ۽ نه فساد ڪريو زمين ۾

ماپ ۽ تور پوري ڏيو ۽ ماڻهن کي سندن شيون گهٽ نه ڏيو ۽ ملڪ ۾ اُن جي سڌاري کان پوءِ فساد نه وجهو.

بَعْدَ اِصْلَاحِهَا ۗ ذٰلِكُمْ خَيْرٌ لَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ مُّؤْمِنِيْنَ ﴿٨٥﴾

ان جي سڌاري کان پوءِ، اهو ڀلو آهي توهان لاءِ جيڪڏهن ايمان وارا آهيو.

جيڪڏهن اوهين مومن آهيو ته اِهو اوهان لاءِ ڀلو آهي. ۽ سڀ ڪنهن رستي تي

وَلَا تَقْعُدُوْا بِكُلِّ صِرَاطٍ تُوْعِدُوْنَ وَتَصُدُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ

۽ نه ويهو هر دڳ تي جو ڊيڄاريو ٿا ۽ روڪيو ٿا الله جي راهه

هن لاءِ نه ويهو ته جيڪو الله کي مڃي تنهن کي ڌمڪايو ۽ الله جي واٽ کان جهليو

اللّٰهِ مَنْ اٰمَنَ بِهٖ وَتَبْغُوْنَهَا عِوَجًا ۚ وَاذْكُرُوْٓا اِذْ كُنْتُمْ قَلِيْلًا

کان ان کي جنهن ايمان آندو ان تي ۽ تلاش ٿا ڪريو ان ۾ ڏنگائي کي، ۽ ياد ڪريو جڏهن هئا اوهين ٿورا

۽ اُن (واٽ) جي ڏنگائي گهرو ۽ ياد ڪريو جڏهن اوهين ٿورڙا هيوَ تڏهن اوهان کي وڌايائين

فَكَثَّرَكُمْ ۠ وَانْظُرُوْا كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُفْسِدِيْنَ ﴿٨٦﴾ وَاِنْ كَانَ

پوءِ گهڻو ڪيائين توهان کي ۽ نظر ڪريو ڪيئن ٿيو انجام فساد ڪندڙن جو. ۽ جيڪڏهن آهي

۽ ڏسو ته فساد وجهندڙن جي پڇاڙي ڪهڙي (بڇڙي) ٿي!. ۽ جيڪڏهن اوهان مان هڪ ٽوليءَ

طَآئِفَةٌ مِّنْكُمْ اٰمَنُوْا بِالَّذِيْٓ اُرْسِلْتُ بِهٖ وَطَآئِفَةٌ لَّمْ يُؤْمِنُوْا

هڪڙي ٽولي توهان مان جن ايمان آندو ان تي جو آءٌ موڪليو ويو آهيان ان سان ۽ ٻي ٽولي نه ايمان آندو

انهيءَ کي مڃيو آهي جنهن سان موڪليو ويو آهيان ۽ ٻي ٽوليءَ نه مڃيو آهي ته (اوهان کي جڳائي ته

فَاصْبِرُوْا حَتّٰى يَحْكُمَ اللّٰهُ بَيْنَنَا ۚ وَهُوَ خَيْرُ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨٧﴾

ته صبر ڪريو جيستائين فيصلو ڪري الله اسان جي وچ ۾، ۽ اهو ڀلو آهي فيصلو ڪندڙن ۾.

ايستائين) صبر ڪريو جيسين اسان جي وچ ۾ الله حڪم ڪري، ۽ اهو چڱو حڪم ڪندڙ آهي.

